سِنڌِي

# سِنڌُو پارتي

درجو نائون







سرڪاري فيصلو نمبر : اَڀياس ٢١١٦ (پر.ڪر ١٦ / ٤٣) ايس.ڊي. ٤ تاريخ ٢٥.٤.١٦ موجب اسٽاپت ڪيل ڪو آرڊينٽينگ
ڪاميٽيءَ جي تا. ٣.٣.١٧ جي ميٽنگ ۾ هي درسي ڪتاب طيءِ ڪرڻ لاءِ مختصر منظوري ڏني ويئي.

# سِنڌوُ ڀارتي

## درجو نائون

# سِنڌي

२०१७

مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

پر واري ’ڪيو آر ڪوڊ‘ کي سمارٽ فون ذريعي اسڪين ڪري
سگهجي ٿو. ان وسيلي توهانکي پڙهڻ / پڙهائڻ لاءِ
ڪارائتيوُن لنڪس (URL) ملنديون

پھريون ڇاپو : 2017

© مھاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي-۴۱۱۰۰۴.
مھاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آھن. ھن ڪتاب جو ڪوبہ ٽڪر ڊائريڪٽر، مھاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پستڪ منڊل جي لکيل اِجازت کان سواءِ ڪٽي نٿو سگھجي.

سنڌي ڀاشا سمتي ۽ اَڀياس گٽ سمتي : ڊاڪٽر ديال ’آشا‘ سياپتي
شري اَشوڪ ڪملداس مڪتا، ميمبر
شري ميران مھيش گدواڻي، ميمبر
شري وڄيہ راڄڪمار منگلاڻي، ميمبر
شري گووڙدن شرما ’گھايل‘، ميمبر
شريمتي راڄيشري ڄيناند ٽيڪچنداڻي، ميمبر
شري ڪاجل اَنيل رامچنداڻي، ميمبر

سنيوجڪ : شريمتي ڪيتڪي جاني (اِنچارج وشيش اَڌڪاري سنڌي)
سنيوجڪ سھايہ : شريمتي گيتا گٽيش ٺاڪر (ڪاپي رائيٽر، سنڌي)

ٽائيپ سيٽنگ : ميران چاولا، موبائيل : 9822117383
چترڪار : ڪماري سوپنالي وڄيہ ڪمار اُپاڌيہ

نرمتي : شري سچيتانند آڦڙي (مکيہ نرمتي آفيسر)
شري راڄيندر چندرڪر (نرمتي اڌڪاري)
پرڪاشڪ : شري وويڪ اُتم گوساوي، پاٺيہ پُستڪ نرمتي منڊل، پرڀاديوي، ممبئي - ۲۵.

ڪاغذ : ۷۰ جي.ايس.ايم. ڪري وو
پرنٽنگ آرڊر : N/PB/2017-18/500
ڇاپيندڙ : M/S. PRINT PLUS PVT. LTD., MUMBAI

## پرستاونا

پيارا شاگرد دوستو

توھان سڀني جو درجي نائين ۾ سواگت آھي. ھن کان اڳ واري درجي ۾ بہ توھان سنڌو ڀارتي ڪتاب پڙھيو آھي. سنڌو ڀارتي درجي نائين جو ھي درسي ڪتاب اوھانجي ھٿن ۾ ڏيندي اسان کي بيحد خوشي ٿي رھي آھي.

دوستو سنڌي ٻولي سڀ نموني ڳالھائڻ ٻولھائڻ اچڻ لاءِ اوھانجو لفظن جو خزانو چڱو ھجي. ان لاءِ ھن درسي ڪتاب جون آڪاڻيون، گفتگو، سبق - ڪوتائون گيت پڙھي نوان نوان لفظ، اصطلاح، چوڻيون سکڻ لاءِ ملنديون. اسان کي اُئين ٿو لڳي تہ ھي ڪتاب پڙھي توھانجو ماتر ڀاشا لاءِ پيار ضرور وڌندو.

توھانکي وٽي ان لاءِ درسي ڪتاب ۾ لفظن جي راند، پورڪ اڀياس، ماٺ ۾ پڙھو، پاڻ ڪريان، پاڻ سکان، چتر جاچيو، ٻڌايو، جملا بدلائي لکو. اھڙي نموني جون انيڪ مشغوليون ڏنيون آھن. ساڳي نموني وياڪرڻ جا الڳ الڳ روپ سؤلي نموني ڏنا ويا آھن. ان کان سواءِ نئين نموني جو بدلاءُ موجب ڳالھائڻ ۽ لکڻ جو موقعو مليل آھي. توھان کي موبائيل، ڪامپيوٽر سؤلائي سان واپرائڻ اچي ٿو. ھن ٽڪنيڪ جو اڀياس ۾ اُپيوگ ٿي، ان نظريي سان ڪجھہ مشغوليون ڏنل آھن. سنڌي ڀاشا سکڻ وقت اُن مان ڪجھہ ملھہ سکڻ، سماجڪ مسئلا سمجھڻ ۽ اُھي حل ڪرڻ لاءِ اُٿ تڻ ھُجي، اِھو بہ اَھميت وارو آھي، اِن نظريي سان درسي ڪتاب ۾ آيل سبق، مشغولين ۽ اڀياس جو ويچار ڪريو.

ھي درسي ڪتاب توھان کي وٽيو ڇا، اِھو اسان کي ٻڌائيندا. توھان سڀني کي شڀ ڪامنائون.

(ڊاڪٽر سُنيل مگر)
سنچالڪ
مھاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي وَ
اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

پڻي،
تاريخ ۲۸ اَپريل ۲۰۱۷، اَکڻ ٽيڄ
ڀارتيہ سوريہ : ۲ ويساکہ ۱۹۳۹

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪُ مڪمل طور خودمُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراڄيہ بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ انهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي :

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ، ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ ڇويهين نومبر، ١٩٤٩ جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ ڀاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## راشٽر گيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اَڌيناِيَڪ جَيَہ هي،
ڀارَتَ ڀاڳِيہ وڌاتا
پَنجابَ، سِنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،
دراوڙَ، اُتڪلَ، بَنگَ،
وِنڌيَہ، هِماچَلَ، يَمُنا، گَنگا،
اُڇَلَ، جل ڌِ تَرَنگَ،
تَوَ شُڀَ نامي جاڳي،
تَوَ شُڀَ آشيس ماڳي،
ڳاهي تَوَ جَيَہ - ڳاٿا،
جَنَ گَڻَ - مَنگَلَ دايَڪ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳِيَہ وِڌاتا،
جَيَہ هي، جَيَہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي،

## پرتِگيا

’ڀارت منهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي ان جي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي گوُرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن مٽن مائٽن، اُستادن ۽ سڀني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس .

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ ئي منهنجو سک سمايل آهي.‘

# اَپياسڪرم

**مقصد :**

’مهاراشٽر راجيہ اَپياسڪرم خاڪو ٢٠١٢‘ موجب سکڻ سيکارڻ جي ترتيب ۾ ڪيترين ئي تبديليوُن آنديوُن ويون آهن. درجو نائون سنڌي گڏيل اَپياس درسي ڪتاب تيار ڪرڻ وقت هيٺيان مقصد ڌيان ۾ رکيا ويا آهن.

١. درسي ڪتاب ۾ ڏنل نثر ۽ نظم جي مواد کي شاگرد سؤلائيءَ سان سمجهي سگهي ٿو.

٢. امتحاني پيپر بدران عملي پرچو اها تبديل آڻڻ سبب ڏنل مواد سان لاڳاپو رکندڙ توڙي غير لاڳاپو رکندڙ مشغوُليون ڏنل آهن جيئن شاگرد پاڻ عملي ڪاروايون ڪري پنهنجو گيان وڌائي سگهن ٿا.

٣. ٻار سوال جواب رٽڻ بدران پنهنجي عمر ۽ ڪلپنا شڪتيءَ موجب ويچار ظاهر ڪري سگهي.

٤. نثر ۽ نظم سان لاڳاپو نہ رکندڙ ڏنل مشغوُلين ۾ ٻار پاڻ ٻهرو وٺي ’پاڻ ڪريان، پاڻ سکان‘ ان متي تي هلي پنهنجي دماغي قابليت وڌائي سگهي.

٥. ٻُڌل ۽ پڙهيل ساهتيہ جي جُدا جُدا انگن کي شاگرد پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهي.

٦. ڊڪشنريءَ جي استعمال کي شاگرد وڌيڪ اهميت ڏئي.

٧. ٻوليءَ تي شاگرد پڪڙ حاصل ڪري سگهي جيئن سکيا جي جُدا جُدا ڪيترن ۾ پنهنجا ويچار مناسب طريقي اظهار ڪري سگهي.

٨. درسي ڪتاب ۾ گيان، رچناواد ۽ مشغوُلي آڌارت سکيا تي زور ڏنو ويو آهي. جيئن شاگرد جي سکڻ لاءِ دلچسپي وڌي ۽ مشغوُليون ڪاميابيءَ سان پوريون ڪري سکڻ سيکارڻ جي پرڪريا ۾ هو چست ۽ پائيدار بڻجي.

٩. ديش ڀڳتي، صحت، صاف صفائي، انساني جذباتن جو قدر، پاڻ تي ڀاڙڻ انهن وشين بابت شاگردن جي سمجهہ صحيح ۽ پختي بڻجي.

١٠. شاگرد گهر، اسڪول، سماج ۽ ديش ڏانهن پنهنجون جوابداريون سمجهي سگهي.

# فهرست

## نثر


| نمبر | سبق | ليکڪ | صفحو |
|---|---|---|---|
| .1 | نئين روشني | شريمتي گوپي موٽواڻي | 1 |
| .2 | وقت جي پابندي | پرنسيپال لعلسنگھ اَجواڻي | 6 |
| .3 | سنڌي ڏڻ وار | پنڊت ڪشنچند جيتلي | 11 |
| .4 | وطن لئہ جانِ پيي صدقي | گووردن شرما ”گھايل“ | 16 |
| .5 | مھمان | ----- | 21 |
| .6 | چترڪار ۽ چترڪلا | شري مينگھراج تلريجا | 25 |
| .7 | آرسي | ------ | 30 |
| .8 | پيار جي جيت | شري تيرٿ سپاڻي | 37 |


## نظم


| نمبر | بيت | شاعر | صفحو |
|---|---|---|---|
| .1 | غزل | ڊاڪٽر ديال ”آشا“ | 42 |
| .2 | شاھہ جا بيت | شاھہ عبداللطيف | 44 |
| .3 | اَڳتي هلو | پرسرام ضيا | 46 |
| .4 | سامي ۽ جا سَلوڪ | شري چئنراءِ بچومل لنڊ | 48 |
| .5 | مريادا | شري ليکراج ڪشنچند ”عزيز“ | 50 |
| .6 | ماڻ | موتيرام هيرانندداڻي | 53 |
| .7 | راهي منزل ناهي دور | شري واسديو ”نرمل“ | 56 |

# نثر

## 1 نئين روشني

شريمتي گوپي موٽواڻي (جنم ١٩٢٦ع) ۾ تمام سنا ۽ سکياداڪ ليکہ لکيا آهن. ڪيس لکڻ جو ڇڱو اڀياس آهي. هن جي ٻولي تمام سولي سليس آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪا ڏيکاريو آهي تہ هڪ ٻار پنهنجي خرچي مان ڦٽاڪا وٺڻ بدران اُنهن پئسن مان غريب دوست کي سندس ماتا لاءِ دوائون وٺي ڏئيس ٿو.

ٻڌو، پڙهو ۽ سمجهو.



صويا اَڃا اَنوُنہ آيو آهي؟ اَنوءَ جي ڏاڏي انتظاري ڏيکاريندي پڇيو. صوپي ورندي ڏني، ”اَڇي ويندو بابا، فڪر ڇو ٿا ڪريو؟ ويو آهي ڦٽاڪا وٺڻ. ڦٽاڪن جو ڏاڍو شوق اَٿس. سو، ڪو يار، دوست گڏجي ويو هوندس تہ بيهي اُن سان ٻٽاڪون هڻندو هوندو تہ هيٽري هيٽري جا ڦٽاڪا ٻاريندس.“ اَنوءَ جي ڏاڏي وري بہ منتظر ٿي چيو. ”تڏهن بہ صويا، صبوح جو يارهين بجي ويو آهي. مٿان اڇي هڪ ٿيو آهي. سهڪاري

پندار آهي سڏ پنڌ تي، سٺ روپيا ڪٺي نڪتو آهي.'' تنهن تي اَنوءَ جي ماءُ چيو، ''ننڍو ٿورو ئي آهي. بابا، ڇهين درجي ۾ ٿو پڙهي. سَوَ جو نوٽ ڪٺي وچي ڪتاب وٽي ايندو آهي.'' ''پڪ ڇوڪري کان نوٽ ڪسڪي ويا هوندا.'' ڏاڏي وري دهرايو. ايتري ۾ در جي گهنٽي وڳي. اَنوءَ جي پيءُ در کوليو. بابا، آيو اَٿو پُٽ. ''اَنو ايتري دير ڇو لڳايئه؟ بابا کي ڏاڍو فڪر ٿي پيو هو.'' اَنوءَ کي خالي هٿين ڏِسي بابا چيو، ''ڏنئه نه، پئسا گم ٿي ويا اَٿس. ڦٺاڪا جو نه وٺي آيو آهي.'' اَنوءَ کِلَي چيو، ''بابا، توهان ڪهڙا پِيا ويچار ڪريو. برابر ڦٺاڪا مان نه وٺي آيو آهيان، پر منهنجا روپيا چورائجي ڪونه ويا آهن ۽ گم به نه ٿيا آهن.''

ڏاڏيس جنهن پاڃي ويٺي سوئي تنهن ڇوهه مان پُڇيس، ''پوءِ سڃا سارا سٺ روپيا ڪيڏانهن ويا؟'' ڏاڏيءَ جي پير ۾ ويهي اَنوءَ پيار سان چيو، ''اَمان، سٺ روپيا وِيا ڪونهن پر سڃايا ٿيا آهن.'' ''سو وري ڪيئن؟ پُٽ پِرولين ۾ نه ڳالهاءِ'' ''سچي ڳالهه ٿو ٻڌايان، غصو نه ڪر. نه ته پڇ پڇ پيئي ڪندينءَ ڪيڏانهن ويا روپيا. ''هاڻي ڪٺي ٻُڌاءِ''، اَنوءَ جي ماءُ چيو. اَنوءَ گنڀير ٿي چيو، ''مان خوش ٿي روپيا ڪٺي نِڪتُس. من ۾ سوچيم ته بابا، اَمان ۽ دادا کان ڦٺاڪن وٺڻ لاءِ پئسا مليا آهن. اَجا ته ناني ۽ نانو پئسا ڏيندا. خوب ڦٺاڪا ٻاريندس. اَجا رستو پار ڪري هن پاسي ويس ته گڏجي ويو راجيش. ڏياريءَ جي خوشي ته نهيو، پر منهن لٿل هوس.'' ''ڪهڙو راجيش؟ جيڪو هميشه توکان پهريون نمبر ڪٽي ويندو آهي.'' اَنوءَ جي ماءُ پڇيو. ''ها اَمان، اُهو ئي راجيش. جڏهن پڇيومانس ته يار! اَڄ ڏياريءَ جي ڏينهن اُداس ڇو آهين؟'' جواب ڏنائين، ''منهنجي ماءُ اوچتو بيمار ٿي پيئي. سو اُن لاءِ دوائون وٺڻ ويو هوس.'' مون ڏٺو ته سندس دوائن جو بل ڪُل سؤ روپيا هو ۽ وٽس هئا فقط چاليهه روپيا، جي هُن پنهنجي خرچيءَ ۽ اِسڪالرشپ مان بچايا هئا. توکي ته خبر آهي ته راجيش هوشيار پر غريب گهر جو ڇوڪرو آهي. مون سوچيو ته جيڪڏهن راجيش جي ماءُ کي وقت تي دوائون نه مليون ته هوءَ وڏيڪ پيڙا سهندي ۽ شايد   زندگيءَ کان به هٿ ڌوئڻا پوندس. منهنجو هٿ اَزخود راجيش جي کلهي ڏانهن وڌيو ۽ ٻيو هٿ پئسن ڏانهن. چيومانس، ''دوست اُداس نه ٿيءُ، باقي پئسا مان ٿو ڏيانءِ. پهرين ماءُ جي دوا ڪر.''

ڏاڏيس مُرڪي پڇيو، ''هن توکان پڇيو ڪونه ته ايترا روپيا ڇا لاءِ ڪنيا اَٿيئي؟'' اَنوءَ وراڻيو، ''نه اَمان هوُ بلڪل تيز فهم آهي. سمجهي ويو ته پئسا ڦٺاڪن لاءِ ڪٺي نڪتو آهيان. آناڪاني ته ڏاڍي ڪيائين پر مون سندس ڳالهه ڪانه ٻڌي ۽ کيس دوائن جي دڪان تي وٺي ويس. دوائون خريد ڪري ڏنيون ۽ سندس گهر به ويس. جو ننڍڙو پر بلڪل صاف سٿرو هو. مان سمجهندو هوس ته گهٽ پئسي وارا آهن. پر ايترا غريب آهن، سا مونکي خبر ڪين هئي. راجيش چيو، ''دوست تنهنجي وقتائتي مدد لاءِ مان تنهنجو بلڪل ٿورائتو آهيان، مان اِهي پئسا توکي واپس ڪندس.'' مون چيومانس، ''تنهنجي ماءُ سان منهنجي ماءُ. پئسن موٽائڻ جو ويچار نه ڪر.'' راجيش چوڻ لڳو، ''يار، دوست جي سؤمان کي ڌڪ نه هڻ. واپس ضرور ڪندس، اَلبت وقت لڳندو.'' صوپي چيو، ''اَنو توکي ڦٺاڪن ٻارڻ جو هيترو شوق آهي ته تو ڦٺاڪن جا پئسا ڪيئن ڏنا؟'' اَنوءَ وراڻيو، ''بابا اَڄوڪي ڏينهن مون هڪ نئين روشنيءَ جي جهلڪ ڏٺي آهي. ٻين کي مدد ڪرڻ ۾ پاڻ کي ڪيتري نه خوشي ٿي ٿئي. اَسين ڦٺاڪا ٻاري هڪ طرف پئسو پِيا ضايع ڪريون ۽ ٻئي طرف هيٺئين طبقي وارن کي اسين اجائي ريس ڪرڻ جو سبب ڏيون ٿا. اَڄ کان وٺي ڏياريءَ جي خرچي ڦٺاڪن تي خرچ ڪرڻ بجاءِ سٺي ڪم ۾ لڳائيندس.''

## نوان لفظ

فِڪُر = چنتا
ضايع ڪرڻ = اَجايو وڃائڻ
منتظر ٿيڻ = اِنتظار ڪرڻ
سڌ پنڌ تي = ٺوري پنڌ تي، تمام ويجهو

اَزخود = پنهنجو پاڻ
طبقو = درجو
سومان = عزت

تيزفهم = سمجهوُ
ڇوُهه مان ڇوڻ = ڪاوڙ مان ڇوڻ

## اَڀياس

**سوال.١. هيٺين سوالن جا جواب هڪ سٽ ۾ لکو.**

١) اَنوءَ جي ڏاڏي کي ڪنهنجو اِنتظار هو؟
٢) اَنوءَ کي ڇا جو شوق هو؟
٣) پنهنجا پئسا اَنوءَ ڪهڙيءَ ريت سجايا ڪيا؟
٤) راجيش اُداس ڇو هو؟

**سوال.٢. هيٺين سوالن جا جواب پنجن ڇهن جملن ۾ لکو.**

١) راجيش جي گهر جي ڪهڙي حالت هئي؟
٢) اَنوءَ ڏياريءَ جي ڏينهن ڪهڙي نئين روشني ڏني؟

**سوال.٣. (الف) هيٺين جا ضد لکو.**

دوست، صاف، نئون، سجايا، خرچ

**(ب) هيٺين جون صفتون ٺاهيو.**

هوشياري، مدد، خبر، شوق

**(ٿ) هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ ڏيئي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

سڌ پنڌ تي هئڻ - ڪسڪي وڃڻ - آناڪاني ڪرڻ - ضايع ڪرڻ

## پورڪ اَڀياس

**١) ٽڪر تي مدار رکندڙ عملي ڪم.**

ڏاڏيس مرڪي پڇيو، ''ڦُن توکان پڇيو ڪونہ تہ ايترا روپيا ڇا لاءِ ................ ڪم ۾ لڳائيندس.

**(الف)**

| ڪنهن کي چيو | ڪنهن چيو | جملو |
|---|---|---|
| | | ١) نہ اَمان، ''هو بلڪل تيزفهم آهي.'' <br> ٢) ''تنهنجي ماءُ سا منهنجي ماءُ.'' |

**(ب) ليڪ ڏنل لفظن کي بدلائي مناسب جواب برئڪيٽ مان چونڊي جملا وري لکو.**

(مُشڪي، سواِيمان، وِڃايون، شڪرگُذار)

١) مان تنهنجو بلڪل ٺورائتو آهيان.
٢) ڏاڏيس مُرڪي پڇيو.
٣) اَسين ڦٽاڪا ٻاري هڪ طرف پئسو پيا ضايع ڪريوُن.
٤) دوست جي سؤمان کي ڌڪ نہ هڻ.

(پ) ٽڪر مان اُهي جملا ڳولهيو جن جو لاڳاپو هيٺين سٽن سان آهي.

١) اِنڪار تہ ڏاڍو ڪيائين.

٢) ٻين جو ڀلو ڪرڻ سان خوشي حاصل ٿئي ٿي.

٣) جيتوڻيڪ وقت لڳندو.

۴) پئسا ڏيڻ جو خيال لاهي ڇڏ.


(پ) ”مون هڪ نئين روشني جي جهلڪ ڏٺي آهي.“

١) مٿي ڏنل جملي مان لفظ ڳولهي هيٺيان چوڪنڊا ڀريو.


| اِسم | فعل | ضمير | صفت |
|---|---|---|---|
| | | | |

٢) اَنوءَ دوائون خريد ڪري پنهنجي دوست راجيش جي وقتائتي مدد ڪئي.

٣) توهان اَهڙيءَ طرح ”وقتائتي مدد“ جا ڪجهہ مثال لکو.




## ۴. هڪ ٻئي جي مدد ڪريون



ڇڪلي ويلڻ جي جوڙي سدائين آهي قائم،
پر هڪ دفعي ڇڪلي کي ورائي ويو اَيمان ،
چئي ”مون کان سواءِ ٺهندا ڪيئن ڦُلڪا؟
ڇڪلي جي اِن بيان تي، ويلڻ کي آيو غصو ،
چئي، مزو ڇڪلي، کي مان خوب چکائيندس.
چئي ائين ويلڻ، هرتال تي هلي ويو.
ڇڪلي تي اَٽي جي چاٽي، بلڪل هلي ڏيلي نا،
ڪين ڦلڪا ٺهي سگهيا ٿي هاٿي،
آخر ڇڪلي جو اَيمان ٿيو چڪناچور.
پَل پنهنجي جو ٿيُس اَحساس،
ويلڻ کي پڪاريائين پيار سان،
”چيائين“ آهيون ٻئي هڪ ٻئي جو آڌار.
رهي ڪين سگهنداسين، بنا هڪ ٻئي جي سهڪار جي.
ڇو نہ گڏجي پريم پيار ۾ هلون،
هڪ ٻئي کي مدد ڪري ڪم راس ڪريون.



- **اَهڙيون ٻيون ٻہ ڪي شيون ٻڌايو جيڪي هڪ ٻئي جي سهڪار ڪانسواءِ هلي نٿيون سگهن.**

٥) ”ٻہ ٽہ ٻارهان“ اِن چوڻيءَ لاءِ ڪابہ آکاڻي / قصو پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪريو.
٦) شاگرد آتشبازي جا پنهنجا آزمودا ٻڌائين.
٧) ڦٽاڪا ٻارڻ سان ماحول ۾ اُن جو ڪنهن ڪنهن تي ڪهڙو اَثر ٿئي ٿو پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪريو.

## وڻ پوکيو، پرٿويءَ کي بچايو

ڏسو جاچيو ۽ ٻڌايو.





- ماستر شاگردن کان چترن بابت گفتگو ڪرائي.
- پرٿويءَ جي ماحول کي اَسين ڪهڙيءَ ريت صاف، سهڻو، صحتمند رکي سگهون ٿا. اُن لاءِ اُپاءُ سجايو.
- وڻن لاءِ پنج نعرا لکو.

# 2 وقت جي پابندي

پرنسيپال لعلسنگهہ هزاريسنگهہ اَجواڻي جو جنم سنڌ جي خئرپور ميرث شهر ۾ اجواڻي مُحلي ۾ ٿيو. هي شروع کان ئي هوشيار وديارٿي ٿي رهيو. هن ممبئي يونيورسٽيءَ مان ايم.اي انگريزيءَ ۾ پاس ڪئي. هي پهريون سنڌي هو جنهنکي بي.اي ۾ انگريزي وشيہ ۾ ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ پهريون نمبر اچڻ ڪري يونيورسٽي پاران ايلس اسڪالرشپ عطا ٿي. هي صاحب نيشنل ڪاليج ممبئي جو پرنسيپال ۽ ساهتيہ اڪادميءَ جو ڪيترا سال ڪنوينر ٿي رهيو. هي انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ جو عالم هو. سندس انگريزي ڪتاب **اَمارٽل انڊيا** پنڊت جواهرلعل نهرو ڏاڍي چاهہ سان پڙهندو هو.

هن سبق ۾ ليکڪ وقت جي اهميت ٻڌائيندي چيو آهي تہ اسان کي وقت جو پورو پورو قدر ڪرڻ گهرجي.

ٻڌو، پڙهو، سمجهو ۽ عمل ۾ آڻيو.




پشچم جي ديسن کان اَسين گهڻو ڪجهہ سکيا آهيون. اُتي جي ماڻهن کي ڏسي، اَسان پنهنجي کاڌي پيتي، چال چلت، گهر جي سنجت ۽ روزمرهہ جي وهنوار ۾ ڪافي ڦير گهير آندي آهي. مثال طور نيرڻ وقت اَسان کي بہ اخبار پڙهڻ جي عادت پئجي ويئي آهي. ٻي ڳالهہ جا اَسان پشچم وارن کي جهٽي آهي، سا آهي ڊائري رکڻ جي رسم. نئون سال شروع ٿيندو تہ نئين ڊائري هٿ ڪرڻ جي اُتڪنڊا ٿيندي. ڊائري رکڻ جو مطلب آهي مقرر ڪيل وقت تي ضروري هنڌ پهچڻ، ماڻهن سان گڏجڻ ۽ ڪم ڪار ڪرڻ - سڀڪا ڳالهہ پوري وقت تي ڪرڻ هڪ سنو گُڻ آهي، جو هر ڪنهن کي هئڻ جڳائي.

پر اِنهيءَ کُڻ جي اَسان مان گهڻا ٿا پرواهه ڪن؟ ڪنهن ميڙ جو مقرر وقت هوندو ڇهه بجا، ته اَسين اُتي پهچنداسين پيا ساڍي ڇهين بجي. اِهو ويچار ڪين ڪنداسون ته اَسان جي دير سان وڃڻ ڪري ميڙ ڪوٺائيندڙن کي ضرور تڪليف ٿيندي يا اَسان کان اڳ ۾ آيلن کي اَهنج ٿيندو. اِنهيءَ غفلت جي اَثر کي روڪڻ لاءِ شادين، محفلن ۽ ٻين شغلن جي نيند-پترن ۾ ڄاڻايو ويندو آهي ته هن وقت کان هن وقت تائين اَچي سگهو ٿا. اهڙيءَ حالت ۾ ڄاڻايل وقتن مان ڪنهن به هڪ جي پابندي ڪرڻي پوي ٿي.

ڪن ماڻهن کي وقت جي پابندي ضرور ڪرڻي پوي ٿي. ائين نه ڪرڻ سان نه رڳو ڏنو وائنو ٽوٽو پوندو، پر عزت ۾ خلل پوڻ جو اِمڪان آهي. ڪن مشغولين ۾ وقت جي پابندي رکڻ بلڪل ئي ضروري آهي، نه ته ڇيهو هڪ طرف رسندو ۽ ڪلڻ هاب ٻئي پاسي ٿبو. ريل گاڏي يا هوائي جهاز ۾ مسافريءَ لاءِ جيڪڏهن وقت سر نه پهچبو ته ڇا گاڏي بيهاري ڇڏيندا، يا هوائي جهاز اُڏامڻ کان روڪيو ويندو؟ جڏهن پليٽفارم تي پهچڻ سان گاڏيءَ کي ويندو ڏسبو آهي ته ڪيئن نه منهن جو رنگ بدلجڻ لڳندو آهي. وڏن دڪانن ۽ ڪارخانن وارا انهيءَ ڪري مقرر جاءِ تي مقرر وقت کان به منٽ سويل ئي پهچندا آهن ۽ دير سان اصل نه. وقت جي پابندي فقط اُهي ئي ڪين ٿا ڪن، جن جي مٿي تي ڪا جوابداري ڪانهي يا پنهنجي جوابداري سمجهڻ کان عار ٿا ڪن.

سچ پچ ته ڪنهن به ماڻهوءَ کي جي پنهنجي مانَ جي پرواهه آهي ته هن کي ٻئي جي شان جو پڻ اوترو ئي اونو هئڻ کپي. جنهن ڪري ڪيس پاڻ ۾ وقت جي پابنديءَ جي هيرَ وجهڻ گهرجي. اَهڙي هير وچڙندڙ آهي. وڏن کي ڏسي، ننڍا پڻ وقت جي پابندي جهٽ جهٽيندا، جا سندن لاءِ وڏي هوندي خوب ڪارگر ثابت ٿيندي.

ڪڏهن ڪڏهن ائين پڻ ٿيندو آهي ته بيماريءَ سبب يا ٻئي ڪنهن اوچتي ڪارڻ ڪري وقت جي پابندي رکڻ مشڪل ٿي پوندي آهي. اَهڙيءَ حالت ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ اَهڙي وقت ٽيليفون رستي يا خاص قاصد هٿ اڳلي کي بروقت چتاءُ ڏيڻ گهرجي. اَهڙيءَ اِطلاع ڏيڻ ڪري ٻئي جي عزت رهجي ايندي، انهيءَ ڪارڻ اَوهانجو هن وٽ مان مٿي ٿيندو.

وقت جي پابندي اِنسان جي فضيلت جي اَهم نشاني آهي ۽ فضيلت ئي منش کي شرف عطا ڪرائي ٿي.

## نوان لفظ

سنجت = سجاوت، ناهه نوهه
هير وجهڻ = عادت وجهڻ.
غفلت = بيپرواهي.
چتاءُ ڏيڻ = خبردار ڪرڻ.
ٽوٽو پوڻ = نقصان پوڻ.
ڇيهو رسڻ = نقصان پهچڻ.

عار ڪرڻ = انڪار ڪرڻ، پاسو ڪرڻ.
اهنج = تڪليف.
قاصد = نياپو پهچائيندڙ.
پابندي = ضابطو، روڪ.
شرف عطا ڪرڻ = عزت ڏيڻ.

اُٽڻ = بي چئني، چنتا.
ڪارگر ثابت ٿيڻ = ڪمائتو ٿيڻ.
شغل = جلسو، اُتسو.
اَهم = مکيه.
عزت ۾ خللُ پوڻ = بدنامي ٿيڻ

## اَڀياس

**سوال.١. هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) ڊائري جو رکڻ گھرجي؟
٢) پوري وقت تي نه پهچڻ کري ڇا ٿو ٿئي؟
٣) وقت سر نه پهچي سگهجي ته ڇا ڪجي؟

**سوال.٢. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

١) پوري وقت تي پهچڻ ۽ ڪم ڪرڻ جي هير مان ڪهڙا فائدا آهن؟
٢) اسڪول ۾ دير سان اَچڻ کري ڪهڙا نقصان ٿي سگهن ٿا؟

**سوال.٣. (الف) هيٺين جا خال ڀريو.**

١) سيڪا ڳالهه پوري وقت تي ڪرڻ هڪ سنو .................... آهي.
٢) ڪن ماڻهن کي وقت جي ................. ضرور ڪرڻي پوي ٿي.
٣) ................ جي ديسن کان اَسين گھڻو ڪجهه سکيا آهيون.
٤) وقت جي پابندي انسان جي ............... جي اَهم نشاني آهي.

**(ب) ساڳي معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ملايو.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | اَهنج | (i) | مکيه |
| (2) | پابندي | (ii) | تڪليف |
| (3) | غفلت | (iii) | ضابطو |
| (4) | اهم | (iv) | بيپرواهي |

**(ٿ) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

شروع، دير، جاڳو، عزت، کٽڻ

**(د) هيٺين لفظن جون صفتون ٺاهيو.**

وقت، مشڪلات، جوابداري، هوا، بيماري

**(س) وياڪرڻ موجب ڳالهائڻ جا لفظ سڃاڻو.**

اَسين، جيڪو، لاءِ، سنو، يا، ماڻهو

**(ڊ) هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جُملي ۾ ڪم آڻيو.**

(i) ڇيهو رسڻ (ii) چتاءُ ڏيڻ (iii) هير وجهڻ (iv) آرُ ڪرڻ

## پورڪ اَڀياس

**(١) تڪر تي عملي ڪاريه**

سچ پچ ته ڪنهن به ماڻهو ......................... منش کي شرف عطا ڪرائي ٿي.

**(الف) صحيح يا غلط لکو.**

١) فضيلت ئي منش کي اوچ تي رسائي ٿي. (   )
٢) وقت جي پابنديءَ سان نقصان ٿيندو آهي. (   )

(ب) تڪر مان هيٺين لفظن سان لاڳاپو رکندڙ لفظ ڳولهي لکو.

١) عادت

٢) مکير

٣) ڏکيائي

۴) نياپو پهچائيندڙ

(ب) وقت جي پابندي اِنسان جي فضيلت جي اَهم نشاني آهي ۽ فضيلت ئي منش کي شرف عطا ڪرائي ٿي.

متين سٽن تي آڌار رکندڙ سوالن جا جواب لکو.

١) ڪهڙو لفظ ٻہ دفعا ڪم آندل آهي؟

٢) ساڳي معنيٰ وارن لفظن جو هڪ جوڙو لکو.

٣) ٻہ اِسم چونڊيو.

۴) حرف جملو ڳولهيو.

(٢) توهين ٻڌل يا آزمودو ڪيل اَهڙو ڪو واقعو يا گهٽنا بيان ڪريو جڏهن ڪٿي وقت تي نہ پهچي سگهيا تہ ..............

(٣) ماستر شاگردن کي وقت جي پابنديءَ بابت گفتگو ڪرائي، وقت جي پابنديءَ جي اَهميت ٻڌائڻ لاءِ چوندو.

(۴) جيڪڏهن سج نہ اُبري تہ ......... اِن وشيہ تي پنهنجا ويچار لکي اچڻ لاءِ چوندو.

## پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪ | اَلف | ر | ڇ | ڏ | م | ٿ |
| ڻ | ن | ھ | | آ | گھ | ت |
| ي | ڃ | | | ٽ | س | ڊ |
| ل | ب | ٻ | ي | و | وُ | ڄ |

وچون اکر ’ھ‘ ڪم آڻي ٻين اَکرن جي مدد سان لفظ تيار ڪريو.

١) هڪ جانور :

٢) شاباسي لاءِ لفظ :

٣) زمين کيڙڻ جو ساڌن :

۴) جهنگل ۾ اوچتو پاڻ مرادو .......... لڳندي آهي.

٥) ☐ ڪرڻ سان سڀ ڪم سؤلا ٿين ٿا.

٦) ☐ جي مند ۾ ڪوئل مِٺا گيت ڳائي ٿي.

٧) مونکي پيوساول ڪان پُٺي پهچڻ لاءِ ☐ ڪلاڪ لڳندا آهن.

٨) وقت جي ☐ سمجهڻ گهرجي.

٩) ☐ پل قيمتي آهي.

١٠) ميناڪشيءَ جو ☐ ڪيس ڏيءَ سمان سمجهندو آهي.

## پرائي پچر

**ماٺ ۾ پڙهو ۽ سمجهو.**

پرائي پچار ماڻهن ۾ ڏاڍي عام آهي. اَڄڪلهه ۾ ڪي لڪل عيب ۽ سُڦم هوندا، تہ ماڻهن کي هرويرو بہ اِنهن کي کولڻ ۾ ڏاڍي خوشي ۽ مزو ايندو آهي. اوڏي مهل جي ڳالهہ ياد ڪن تہ جيئن پاڻئين تہ ٻيا مون سان هلن، تيئن تون پڻ اِنهن سان هل، تہ هوند زبان کي قاعدي ۾ رکن، ۽ ٻئي جي لاهڻيءَ لاهڻ ۽ لوڪن اَڳيان ڪيس ڏٺي ڪرڻ ڪان باز اَچن، ڪير عيبن کان آجو آهي؟ ڀلا اِهو ڪار چو ڪنهن مهل رڳو پنهنجي دل تي هٿ رکي ڏسي، تہ ساڳيءَ ريت ڪو منهنجا عيب ٻين اَڳيان پڌرا ڪري تہ ڪيتري نہ چڙ اَچيم، تڏهن خود ڪيس ڪهڙو حق آهي جو ٻين جا پَٽ ويچاري؟ ياد رکڻ کپي تہ جي ٻين جي عيبجوئي ڪبي، تہ ڪو اَهڙو وقت ايندو جو اَسان جا سمورا عيب کُلي ظاهر ٿيندا، ۽ جيڪا عقوبت اَسان سان ٿيندي، سا ڏٺي شل نہ ڪنهن کي ڏئي نہ ڏيکاري. چوندا آهن تہ جيڪڏهن ڪير ڪنهن لاءِ هڪ آڱر کڻي ٿو تہ سندس ٽي آڱريون اُن ڏانهن اِشارو ڪن ٿيون. اِنڪري اَسانکي سوچي سمجهي ڳالهائڻ گهرجي. جيڪڏهن ڳالهائڻ جائز ۽ ضروري هجي تہ اَهڙيون ڳالهيون ڪجن، جن مان ٻين کي فائدو رسي. جيڪڏهن ڪو ڪنهن جي گِلا ڪري رهيو آهي، تہ تون ڪو بهانو ڪري اُتان اُٿي وڃ يا اُتي ڳالهہ ڦيرائي، ڪجهہ سنو ڳالهائي. اُتي اِها ڳالهہ ياد ڏيار، تہ جيڪڏهن اَسان ڪان ڪا خطا نہ ٿي آهي تہ اَسان جي خوش نصيبي فقط اُپائڻهار جي ٻاجهہ ڪري ئي ٿي آهي، ۽ ساڳئي وقت گلاخور کي نرمائيءَ سان سمجهاءِ جيئن اَڳتي زبان تي اَهڙو گفتو نہ آڻي، ۽ گلا ٿيل جو ڪو چڱو گڻ توکي سُجهندو هجي تہ اِهو ورنن ڪر. اِهي حرف ڪو دل سان هنداڻي، تہ اِها گلاخوريءَ سندي برائي توڙي اِن مان جيڪي اَنيڪ گناهہ ٿا ڦٽن، سي هوند جهٽ گهڙي ۾ ٿي وڃن.

- اَڌياپڪ شاگردن کي ڌيان سان پڙهڻ لاءِ چوندو. اِن تي گفتگو ڪرائيندو.
- پرائي پچر ۾ اَجايو وقت نہ وڃائڻ گهرجي، اِن جي اَهميت سمجهائيندو.

# 3

# سنڌي ڏڻ وار

پنڊت ڪشنچند ٽوپڻداس جيٽلي (1995ع - 1910ع) سنڌي سماج جي اُنهن ٿورن ودوانن ۾ ڪوجنيڪن مان هڪ آهي، جن قديم سنڌي زبان، سڀيتا، اتهاس ۽ سنڌي ماڻهن تي نور نچوئي رچنا ڪئي آهي. پنڊت جيٽلي سنسڪرت ساهتيہ جو ڄاڻو هوندي ڪاليداس جي ’ميگهدوت‘ جو سنڌيءَ ۾ انواد ڪيو هو پونا مان ’سنڌي سونهون‘ نالي هڪ ڪوجنتاتمڪ رسالو ڪيڍندو هئو. هيءُ ليکہ ’سنڌي ڏڻ وار‘ ڪتاب مان ڪنيل آهي.

هن ليک ۾ سنڌي ڏڻ وارن بابت دلچسپ ڄاڻ ڏنل آهي.

ٻڌو، پڙهو ۽ سمجهو.



## چيٽي چنڊ

سنڌي سماج ۾ چيٽي چنڊ جي مهتا وڏي آهي. وڪرم سنبت ١٠٠٧ يعني عيسوي سن ٩٥٠ ۾ سنڌين جي اِشٽ ديو، شري اُڏيري لال، نصرپور ۾ شري رتن راءِ لهاڻي جي گهر، ماتا ديوڪيءَ جي گرڀ مان جنم ورتو. اها سهائي ٻيج جي ٿٿي ۽ ٿارونءَ جو ڏينهن هو. اُڏيري لال، اُن وقت جي حاڪم مرک شاهہ جي ظلمن کان سنڌي هندو سماج جي رکشا ڪئي. سنڌي هندو سماج ۾ شري اُڏيري لال کي وروڻ ديوتا جو اوتار مڃيو وڃي ٿو، جنهن جي ’رگ ويد‘ ۾ گهڻي مهما ڪئي ويئي آهي.

ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ سنڌي هندن چيٽي چنڊ کي ’سنڌيت جو ڏينهن‘ ڪري ملهائڻ شروع ڪيو آهي.

## اکڻ ٽيج

هيءُ ڏڻ ويساک جي سهائي ٽين تٿيءَ تي ٿئي ٿو. اکڻ ٽيج جو سنسڪرت روپ آهي ’اڪشيہ ترتيا‘. ’اڪشيہ‘ معنيٰ جيڪو ڪڏهن نہ ٿئي، سدائين قائم رهي. تنهن ڪري اڄوڪي ڏينهن ڪيل دان هميشهہ قائم رهي ٿو. ڀڳوان پرسرام اڄوڪي ڏينهن جنم ورتو هو، جنهن مريادا جو پالن نہ ڪندڙ مغرور کترين جو ٢١ دفعا سنگهار ڪيو.

## چاليهو

آکاڙ جي مهيني ۾ سج جنهن ڏينهن ڪرڪ سنڪراتي ۾ اچي تنهن ڏينهن کان وٺي لال جو چاليهو شروع ٿيندو آهي. چوماسو بہ ساڳئي ڏينهن کان شروع ٿئي ٿو. هي ڏڻ سنڪراتيءَ سان لاڳاپو رکي ٿو. ڪرڪ سنڪراتيءَ کان شروع ڪيل ورت سنگهہ سنڪراتيءَ جي ڏينهن چاليهن ڏينهن پورو ڪجي ٿو. اهو لڳ ڀڳ جنماشٽميءَ جي آس پاس اَچي ٿو.

## گوگڙو - نانگہ پنچمي

سانوڻ جي سهائي پنجئن تي نانگہ اَڳيان کير - ڦل رکي پوڄا ڪبي آهي. نانگہ، بہ ڪال جو روپ آهي. هن ڏڻ مان جيو ديا جي ڀاونا بہ ظاهر آهي ۽ ٻڌايل آهي تہ دشمن سان بہ ڀلائي ڪجي. ڪنهن جو مَنو نہ ٽڪجي.

## تيجڙي

سانوڻ جي اونداهي ٽيج يعني ٽين تاريخ تي ڪماريون ۽ سهاڳڻيون تيجڙيءَ جو ورت رکنديون آهن. سانوڻ جي سهائي گيارس تي براهمڻ مٽ پوکيندا آهن، جيکي تيجڙيءَ تائين وڏي هٿ جيڏا سلا ٿيندا آهن. تيجڙيءَ ڏينهن ماڻهو اهي سلا براهمڻ جي گهران کڻي ايندا آهن. ورت واريون منجهند جو اهي سلا پينگهي ۾ رکي لوڏينديون آهن. سنجها جو براهمڻ کان آکاڻي ٻڌي، چنڊ کي ارگهہ ڏيئي، ورت ڇوڙينديون آهن. چنڊ کي ارگهہ ڏيڻ وقت چونديون آهن :-

”هٿ ڪرِي پير ڪرِي،
ارگهہ ڏيون ڪوٺي چڙهي،
چندرما نڪتو کهنبا ويس ڪري،
گوريون ڏينس کير ڪٽور ڀري.“

## وڏي ٿڌڙي

سانوڻ جي اونداهي ڇٺ تي لولا پچائي داڻگي ٺاربي آهي ۽ ستئن تي ننڍن وڏن کي ڇنڊو هڻي ٿڌو کائبو آهي. ڇنڊي وقت چئبو :

’سانوڻ ۾ ستئن آئي، آئي ڪرشن پکشي،
مان سيتلا پوڄيان، پٽن پوٽن وچ ڪري،
تو در نواڻي، ميري وينتي سٽيچ،
ڏيچ آٽ - سات (هرشت پرشت تندرست ٻار)

لاڪڙو، ساڪڙو، هنبسرو، ڊبسرو، نندي مائي،
وڏي مائي، لنگهي پيا پار، ستي سيتلا جي آڌار.``

### مهالڪشميءَ جا سڱڙا

بدي جي سهائي ائٽن تي هيڊ ۾ رڱيل سٽ جي سورهن تندن واري ڌاڳي ۾ سورهن ڳنڍيون ڏيئي مهالڇميءَ جي آڪاڻي ٻڌي سڱڙو ٻڌبو آهي. وري اونداهي، ائٽن تي ڇوڙبو آهي.

### لال لوئي

هيءُ ڏڻ اُتراڻ کان هڪ ڏينهن اڳ ٿئي ٿو. اڄ کان ڇهه هزار سال اڳ نئون سال ناهري مهيني کان شروع ٿيندو هو. جيڪو هن وقت چيٽ کان شروع ٿئي ٿو. نئون سال هميشهه بهار جي منڊ ۾ شروع ٿيندو آهي، جنهن کي جوتش ۽ ’ڌرم شاسترن‘ ۾ ’وسنت سنپات‘ چئجي ٿو. ويدڪ زماني ۾ ان ڏينهن تي رشي - مني يڳيه - هون ڪندا هئا. هيءُ لال لوئي ڏڻ اُنهيءَ پراچين ڏڻ جي نشاني آهي.

### اُتراڻ - تر موري

جوتش ۾ ’ميش‘ وغيره ٻارهن راسيون آهن، جن کي سنڪراتي چئبو آهي. سج هرهڪ سنڪراتيءَ ۾ هڪ مهينو رهي ٿو. هنن ۾ مڪر راس کان وٺي مٿن تائين ڇهن راسين کي ’اُتراڻ‘ چئجي ٿو ۽ ڪرڪ راس کان وٺي ڌن راس تائين ڇهن راسين کي ’دڪشڻاين‘ چئبو آهي. اُتراڻ واريون ڇهه راسيون ديوتائن جو هڪ ڏينهن آهي ۽ دڪشڻاين واريون ڇهه راسيون رات آهن. جڏهن مڪر راس ۾ سج پرويش ڪري ٿو، انهيءَ ڏينهن کي اُتراڻ چئجي ٿو. اُن ڏينهن ترن سان گڏ مورين جو دان خاص چيل آهي. تر ۽ موريون بلغم کي گهٽائينديون آهن، جيڪو سياري ۾ سٽين ڪاڌن ڪائڻ ڪري سرير ۾ وڌي ويندو.

مٿي ٻڌايو ويو آهي تہ اُتراڻ واريون ڇهه راسيون ديوتائن جو ڏينهن آهي. ڌرم شاسترن انوسار جيڪو اِنسان اُتراڻ وارين راسين ۾ سرير ڇڏي ٿو، اُهو ديو لوڪ (سرڳ) ڏانهن وڃي ٿو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ڀيشم پتامهه ڪرڪيتر جي لڙائيءَ ۾ گهايل ٿي تيرن جي سيجا تي تيسين پيو رهيو، جيسين اُتراڻ شروع ٿئي.

## نوان لفظ

مهتا - اهميت
سمبت - شروعات، اچڻ
دانگي - نڪر جو تئو
ڏيج - ڏجاءِ

منو - دشمن
ڪنهنبا - ڪيسري رنگہ وارا
ترتيا - ٽيج
اشٽ ديو - ديوتا

هرج - نقصان
اڪشيہ - ناس نہ ٿيندڙ
نواٽي - جهڪيس، نوڙيس
سنگهار - وڌ

# اَڀياس

**سوال.١. هيٺين سوالن مان هرهڪ جو جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو.**

١) چاليهو ڪڏهن پورو ٿيندو آهي؟
٢) لال لوئي ڪڏهن ملهائي ويندي آهي؟
٣) ”سنڌيت جو ڏينهن“ ڪڏهن ملهايو ويندو آهي؟
۴) وڏي ٿڌڙيءَ جي ڪهڙي اهميت آهي؟

**سوال.٢. هيٺين جا ٿورين ۾ جواب لکو.**

١) چيٽي چنڊ جو ملهايو وڃي ٿو؟
٢) اَکڻ ٽيج جو ڏڻ ڪڏهن ملهايو ويندو آهي ۽ ان ڏڻ جي ڪهڙي اهميت آهي؟
٣) اُتراڻ ڇاکي ٿو چئجي؟ اُن ڏينهن تي ڇا دان ڪيو ويندو آهي؟

**سوال.٣. (الف) هيٺين جا ضد لکو.**

ڌرم، ڏينهن، ديوتا، جنم، ظاهر

**(ب) صفتون ٺاهيو.**

اَڄ، اوندهه، ديا، سماج، سال

**(ٿ) وياڪرڻ موجب ڳالهائڻ جا لفظ سڃاڻو.**

منهنجو، سچ، ۾، اڄ، ٿو، سدائين.


# پورڪ اَڀياس

**١. ٽڪر تي عملي ڪم**

**لال لوئي**

هيءَ ڏڻ اُتراڻ ................................ پراچين ڏڻ جي نشاني آهي.

**(الف) چوڪنڊا پورا ڪريو. (نئين سال سان لاڳاپو رکندڙ ڳالهيون)**




**(ب) هڪ لفظ ۾ جواب ڏيو.**

١) نمبر ڏيکاريندڙ لفظ.
٢) لال لوئي کان پوءِ ايندڙ ڏڻ.
٣) هن وقت نئين سال جو پهريون مهنو.
۴) پراچين زماني جي نشاني.

(ب) برئڪيٽ ۾ ڏنل هدايت موجب ڪاروائي ڪريو.
١) هيءُ ڏڻ اُتراڻ ڪان هڪ ڏينهن اڳ ٿئي ٿو.
(ليڪ ڏنل لفظ بدران مناسب ڏڻ سمجهي جملو وري لکو.)
٢) نئون سال هميشه بهار جي مند ۾ شروع ٿيندو آهي.
(ليڪ ڏنل لفظ جو ضد ڪم آڻي نئون جملو ناهي لکو)
٣) هيءُ لال لوئي ڏڻ اُنهيءَ پراچين ڏڻ جي نشاني آهي.
(ليڪ ڏنل لفظ استعمال ڪري نئون جملو لکو)
٤) جنهن ڪي جوتش ۽ ڌرم شاسترن ۾ ”وسنت سنپات“ چئجي ٿو.
(ليڪ ڏنل لفظ ڇا بابت ڪم آندل آهي)
٢. پارت ۾ الڳ الڳ ذاتين جا مکيه ڏڻ لکو.
٣. توهانجي پاڙي ۾ رهندڙ (سنڌين ڪانسواءِ) ٻئي ڪنهن ذات جي پوشاڪ، ڏڻ، ريتيون رسمون وغيره جي باري ۾ توهان ڪي جيڪا ڄاڻ آهي لکو.
٤. ”منهنجو وٽندڙ ڏڻ“ وشيه تي مضمون لکو.
٥. ڪلاس ۾ سنڌي ڏڻن بابت گفتگو ڪري وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪريو.
٦. پنهنجي دوست يا ساهيڙيءَ ڪي خط لکي ڏياريءَ جي موڪلن ۾ پاڻ وٽ گهرائڻ جي نيند ڏيو.

## سِنڌي ڪلا ۽ طعام

ڏسو، ڄاڇيو، ٻڌايو.




- ماستر شاگردن کي چتر ڏيان سان ڏسڻ لاءِ چئي اُن تي گفتگو ڪرائي. هرهڪ شاگرد کي اُن بابت ٻڌائڻ لاءِ همٿائي.

# 4 وطن لئہ جانِ ڀي صدقي

”گوورڌن شرما ”گهايل“ (سنہ ١٩٣٧ع) سنڌي ٻولي، ساهتيہ تعليم، ڪلا ۽ پترڪار جي کيتر ۾ پنجن ڏهاڪن کان سرگرم رهيو آهي. هن جا سنڌي هنديءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن. ”ميڙي چونڊي“ تي راشٽريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد (NCPSL) ڀارت سرڪار طرفان سنہ ٢٠٠١ع ۾ انعام مليل اَٿس.

هِن ليک ۾ هيمونءَ ڪالاڻيءَ بابت ٻڌايو آهي.

## ٻُڌو، پڙهو ۽ اَداڪاري ڪريو.



استيج تي جهڪي روشني آهي. هڪ پاسي کان هڪ نوجوان اَچي ٿو.

ساٿي ١ : هي ديش بچائڻ جو قسم کائون ٿا. دشمن کي مِٽائڻ جو قسم کائون ٿا. (ٻہ دفعا)

(ٻئي پاسي کان هڪ ٻيو نوجوان اَچي ٿو.)

ساٿي ٢ : او منهنجا پيارا وطن، پيارا وطن،

تو تان قربان قربان من جند ۽ جان. (ٻہ دفعا)

ساٿي ١ : اَدا! اڃان هيمون نہ پهتو آهي.

ساٿي ٢ : ضرور ڪا سازش سِٽيندو هوندو.

او گهايل! هرهندواسيءَ ڪي اِقرار اِهوئي ڪرڻو آ

هن ديش جي خاطر جيئڻو آ، هِن ملڪ جي خاطر مرڻو آ.

(هڪ پاسي کان هيمون اسٽيج تي اَچي ٿو)

هيمون : ڀارت ماتا جي جئه. منهنجا ساٿيو!

هاڻي وقت وڃائڻو ڪونهي. ڏيان سان ٻُڌو.

ساٿي ١ : ها ها، اَسين توسان گڏ آهيون. جيئن چوندين، تيئن ڪنداسين.

ساٿي ٢ : حڪم ڪرِ هيمون جانِ حاضر آهي.

هيمون : ڏيان سان ٻڌو، اَسان جي ديش واسين کي قتل ڪرڻ لاءِ انگريزن جي هڪ ٽرين هٿيارن ۽ بارود سان ڀريل اڄ رات جو هتان لنگهڻ واري آهي.

ساٿي ١ : حڪم ڪر پيارا، تون ڇا ٿو چاهين؟

ساٿي ٢ : سکر جي هن ڪڙڪ سياري جي رات اسان کي ڏڪائي نہ سگهندي.

هيمون : هلو تہ رِٿيل رٿا موجب مِلي اُن ٽرين کي ڪيرائي مُلڪي محبت جو مثال قائم ڪريون.

ساٿي ١ : قبول آ، قبول آ.

ساٿي ٢ : فِش پليٽس ڪيڍڻ لاءِ هٿوڙو ۽ پانو لڪائي آندا اَٿم.

هيمون : پوءِ دير ڇا جي؟

(ٽيئي ڄڻان هڪ پاسي ويهي ڪم کي لڳي وڃن ٿا. ٺڪ ٺڪ جو آواز اَچي ٿو)

هيمون : سکر پُراڻي ۾ سکر بسڪوٽ فيڪٽري جي آس پاس گهڻو ڪري انگريز پوليس وارا پهرو ڏيندا رهندا آهن. ان ڪري ساوڌان رهجو.

ساٿي ١ : مهاتما گانڌيءَ چيو آهي ”ڪرو يا مرو“

ساٿي ٢ : ”سرفروشي ڪي تمنا اَب هماري دِل ۾ هئہ، ديکنا هئہ زور ڪتنا بازوئي قاتل ۾ هئہ!“

هيمون : شاباس ساٿيو!

تُنهنجي رکشا لاءِ ماتا ڪيترن، پنهنجي سِرَ سان اَڄ ٻَڌو آهي ڪفن.

(وري ٺڪ ٺڪ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو)

(اوچتو هڪ پاسي کان ٽارچ جي روشني ٺنهي تي پوي ٿي)

هيمون : مونکي ڏيو هٿوڙو ۽ پانو، ڳم ٿي وڃو جلدي، هيءَ مشعال اُجهامڻ نہ ڏجو.

(ٻئي ساٿي هڪ پاسي هليا ٿا وڃن)

(هيمون پنهنجو ڪم ڪندو ٿو رهي. اوچتو هڪ پاسي کان هڪ پوليس وارو اَچي ٿو)

پوليس : خبردار، شيطان! جي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي اَٿيئي. آنڊا ٻُڪيون ڪيدي ڇڏيندو سانءِ.

هيمون : آزادي گهرجي ماڻهن جي، آزادي پياري ڀارت جي آزادي سيني ڌرمن جي، آزادي پياري ڀارت جي.

پوليس : خاموش! بدتميز، خبر پوئي ٿي تہ ڪنهن جي سامهون بڪواس ڪري رهيو آهين؟

هيمون : سوُري جن جي سيج مَرَڻُ تنين مُشاهدو جناب، ارمان صرف ان ڳالهہ جو اٿم تہ هندستاني هوندي بہ اوهان فرنگين جي طرفداري ڪري رهيا آهيو. توهان کي لڄ اَچڻ گهرجي.

پوليس : اي ڇوڪرا! تون مونکي ٿو نصيحت ڏين؟ ٺيڪ آهي، تو وانگر مان بہ هندستاني آهيان. سچ سچ ٻڌاءِ توسان گڏ ٻيا ڪير ڪير هئا؟ مون سندن آواز ٻڌو هو.

هيمون : (کِلندي کِلندي) مون سان گڏ ڪير هئا؟ ڇڻا چالاڪ سپاهي ٿا لڳو. هِت مان، فقط مان ئي هوس ۽ اَوهانجي سامهون بہ آهيان. منهنجا ساٿي تہ هيءُ هٿوڙو ۽ پانو آهن.

پوليس : ڪوڙُ نہ ڳالهائي جوان! سڀ سزائون معاف ڪرائي ڇڏيندوسانءِ، منهنجو مطلب آهي، گرفتاريءَ کان بہ ڇُٽي پوندين.

هيمون : ڪيڏي نہ وڏي دِل ٿا رکو، آخر آهيو تہ اَوهين بہ هندستاني نہ؟

پوليس : منهنجو وقت برباد نہ ڪَرِ. سَچُ ٻڌاءِ. تنهنجي عمر تي قياس ٿو اَچيم، نہ تہ ڦاسيءَ کان بچي ڪين سگهندين.

هيمون : ڦاسي! ڦاسي سزا آهي يا انعام؟ ڇا ڀڳت سنگهہ کي ڦلائي ڇڏيو اَٿوَ. مون جهڙن ناچيز ديش ڀڳتن لاءِ ڦاسي، سزا نہ پر اَنمول سوغات آهي.

پوليس : هنيلا نوجوان! پنهنجي اَبي اَمڙ جو خيال ڪر، يار دوستن تي ڇا گذرندي اُن تي ويچار ڪَرِ.

هيمون : آفيسر منهنجي ڳالهہ ٻڌي ڇڏ. منهنجي ماءُ پيءُ لاءِ ديش جو هر نوجوان هيمون سمان رهندو. منهنجي خون جي قطري قطري مان هڪ نئون هيمون جنم وٺندو. هاڻي ٻڌاءِ ڪٿي پهچندا تنهنجا خودغرض حاڪم؟

پوليس : آخرين موقعو ڏيانءِ ٿو. سچ ٻڌاءِ تہ توسان گڏ ٻيا ڪير ڪير هئا؟ نہ ٻڌائيندي تہ هٿڪڙيون هڻي قيد جي اونداهي ڪمري ۾ ڦٽو ڪرائيندوسانءِ.

هيمون : (زور زور سان کلندي) آڪٽوبر ١٩٤٢ جي ٢٣ تاريخ رات جو اونداهيءَ ۾ ثواب جهڙو ڪم ڪرڻ لاءِ، قيد جي اونداهي ڪوٺري... مزو اچي ويندو.

هيمون : (هال ۾ ويٺل سيني ماڻهن کي پرڻام ڪندي)

او ماتائن جا لال اُٿو، او ڀارت ديش جا ڀال اُٿو. آزاديءَ جا رکپال اُٿو، او هر دشمن جا ڪال اُٿو. وندي ماترم، ڀارت ماتا جي جئہ.

## نوان لفظ

اِقرار ڪرڻ - اَنجام ڪرڻ.
قياس ڪرڻ - ديا ڪرڻ.

اُجهامڻ - وسامڻ.
سوغات - سوکڙي.

سوُري - ڦاسي.
خود غرض - مطلبي، سوارٿي.

## اَڀياس

**سوال.١. هيٺين سوالن جا جواب هڪ يا ٻن جملن ۾ لکو.**

١) هيمون ۽ سندس ساٿين گڏجي ڪهڙي رٿا رٿي؟
٢) پوليس وارو هيمون ۽ کي ڪنهن جو خيال ڪرڻ لاءِ چوي ٿو؟
٣) هيمون، پوليس واري کي پنهنجي ساٿين جا ڪهڙا نالا ٻڌايا؟

**سوال.٢. هيٺيان جُملا ڪنهن، ڪنهنکي چيا آهن؟**

١) ”هي ديش بچائڻ جو قسم کائون ٿا؟“
٢) ”هاڻي وقت وڃائڻو ڪونهي.“
٣) ”فِش پليٽس ڪڍڻ لاءِ هٿوڙو ۽ پانو لِڪائي آندا اَٿم.“
٤) ”خبر پوئي ٿي تہ ڪنهن جي سامهون بڪواس ڪري رهيو آهين؟“
٥) ”ڪيڏي نہ وڏي دل ٿا رکو.“

**سوال.٣. هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

دشمن، نوجوان، آزادي، چالاڪ، سچ

**سوال.٤. هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

اِقرار ڪرڻ، قياس ڪرڻ، روانو ٿيڻ

**سوال.٥. هيٺيان لفظ ٻالهائڻ موجب سجائو.**

هاڻي، شاباس، ٻه، پارت، سکر

**سوال.٦. هيٺين لفظن مان صفتون ٺاهيو.**

خبر، پيار، سچ، اڄ

**سوال.٧. هيمون ۽ کي پوليس وارو ڇو پڪڙي ويو؟**

## پورڪ اَڀياس

**١) ايڪانڪي تي آڌار رکندڙ مشغوليون.**

**(الف) هيٺ ڏنل لفظن لاءِ ساڳي ۽ معنيٰ وارا لفظ لکو.**

لڄ، برباد، ٻلائي، قطري قطري، جوش

**(ب) جوڙا ملايو.**

| | |
|---|---|
| سوُري جن جي سيڄ | جند ۽ جان |
| آزادي ۽ جا رکپال اُٿو | لڳينگي هر برس ميلي |
| شهيدون ڪي چِتائون پر | مرڻ تنين مشاهدو |
| تو تان قربان | او هر دشمن جا ڪال اُٿو |

(ب) ”ضرور ڪا سازش سٽيندو هوندو.“

١) اِها سٽ ڪنهن، ڪنهنکي چئي آهي؟

٢) ڪنهن بابت چيل آهي؟

٣) ضرور لفظ بدران ٻيو مناسب لفظ ڪم آڻي جملو وري لکو.

٤) سٽ مان ضمير ڳولهيو.

(٢) هيٺ ڏنل آزاديءَ جي پراونن بابت ڄاڻ حاصل ڪري ڪِلاس ۾ ٻڌائڻ لاءِ چئو.



چندر شيکر آزاد — آچاريہ ڪرپلاڻي — راجگرو — وير ساورڪر

(٣) سائي کي سهي ڪونہ، بکي کي ڏي ڪونہ. اِها چوڻي سمجهايو.

(٤) ماسٽر شاگردن کي الڳ الڳ ڪردار ڏيئي ڏنل ايڪانڪي ناٽڪ جي روپ ۾ ڪلاس ۾ پيش ڪرڻ لاءِ چوندو.

## پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

اَ، ڪُ، بد، اڻ، غير

اِهي اکر اَڳياڙين جي روپ ۾ ڪم آڻي ضد ٺاهي سگهبا آهن.

مثال :-

**ضد**

’اَ‘
- سهڪار - اَسهڪار
- سنتوش - اَسنتوش
- ڌرم - اَڌرم

’ڪُ‘
- سنگ - ڪُسنگ
- روپ - ڪُروپ
- نياءُ - ڪُنياءُ

’بد‘
- نام - بدنام
- فضيلت - بد فضيلت
- نصيب - بد نصيب

’اَڻ‘
- نهڪندڙ - اَڻ نهڪندڙ
- هوند - اَڻ هوند
- وڻندڙ - اَڻ وڻندڙ

’غير‘
- حاضر - غير حاضر
- واجب - غير واجب
- مناسب - غير مناسب

اَهڙي نموني هيٺين جا ضد لکو :

تيز ......، ضروري ......


واقف ......، سمرٿ ......

دعا ........، سنگ ........

# 5 مھمان

هيءُ مذاقي سبق آهي. هن سبق ۾ مھمان بابت ٻڌايل آهي تہ اُن ۾ ڪھڙا گڻ هئڻ گھرجن. جيڪڏهن مھمان بي واجبي هلت هلي ٿو تہ اِهو ميزبان لاءِ مصيبت جو ڪارڻ بڻجي ٿو.

ٻڌو، پڙهو ۽ سمجھو.



چوندا آهن تہ مھمان ڪنھن نصيب واري جي گھر ايندو آهي. چاڪاڻ تہ اُن کي ڀڳوان جو روپ ڪري ليکيو ويندو آهي. سو منھنجو بہ ڀاڳ کليو، جڏهن رات جو ساڍي ٻارهين بجي اَسان جي ِگھر مھمان اَچي وارد ٿيا. اسين گھر جا ڀاتي ڪائي پي سپ اون لاهي منڙي ننڊ ۾ سمھيا پيا هئاسين. اوچتو دروازي تي ٺڪ ٺڪ جو آواز ٿيو. در کولي جان ڪٽي ڏسان تہ اَسانجو هڪ پريون مائٽ پنھنجي پتني ۽ ٻن ٻارن سميت هڪ پيتي ۽ بسترو جهليو ٻاهر بيٺو آهي. مون ٻاهرئين نموني منھن تي مرڪ آڻي کين چيو، ”اچو سائين، ڀلي ڪري آيا.“ مھمان آکڻ لڳو، ”توهان تہ اسان وٽ اچو ڪونہ ٿا. آخر اسان کي ئي توهان جي اُڪير لڳي. دل ۾ سوچيم تہ ٻارن کي وڪيشن آهي، چو نہ توهان وٽان بہ ٽي ڏينهن گھمي ڦري وڃون.“

پيتي بسترو وٺندي مان اُنھن کي اَندر اچڻ لاءِ چيو. ڪُمھلي وقت مھمانن کي آيل ڏسي منھنجي شريمتيءَ جي پيرن هيٺيان زمين کسڪي ويئي. تڏهن بہ ٻاهرئينءَ طرح اُنھن جو آدرستڪار ڪيائين. کين روٽي ڀاڄيءَ جي آڇ ڪيائين. مھمان جي گھر واريءَ اُمالڪ چيو ”صبوح جو ٻارهين وڳي گاڏيءَ ۾ وينا

آهيون. مٿان هيءَ محل ٿي آهي. ٻارن نہ ڪجھہ کاڌو آهي نہ ڪير پيتو آهي.``

منهنجي گهر واري اَندر ۾ سوُر پي آيل مهمانن لاءِ روٽي تيار ڪئي. گهر ۾ ڪير بلڪل ڪونہ هو. ڪير لاءِ پاڙي وارن جو در کڙڪايوسين. مشڪل سان ٿورو ڪير مليو. ٻن پلنگن تي وڇايل بسترن تي مهمانن کي سمهاري، اَسين گهر جا ڀاتي هيٺ فرش تي ئي سمهي پياسين.

صبوح جو منهنجي زال چانھہ تيار ڪئي. مهمان منهن ۾ گهنج وجهي چيو، ”اَسين تہ صبوح جو گهاٽي ڪير واري ڪافي پيئندا آهيون. اُن سان گڏ بسڪيٽ پڻ کائيندا آهيون.`` دل جو سور دل ۾ پي بازار ۾ ويس. قسمت سان هڪ دوڪان کليل هو. ڪافيءَ جو ڊٻو ۽ بسڪيٽ وٺي آيس. تنهن کانپوءِ درجي بہ درجي سندن فرمائشون وڌنديون ويون. نيرن، منجهند ۽ رات جي روٽيءَ وقت منهنجي گهر واريءَ کي سوادي ۽ لذيذ طعام ناهڻا پيا. مگر مهمان جون ڪسرون هوءَ برتنن مان ڪڍڻ لڳي. باسڻن جي ٺڪا ٺوڪي لڳي ويئي. دلداري ڏيندي چيومانس، ”ڀاڳن ڀري! مهمان تہ ڪنهن ڀاڳن واري وٽ ايندا آهن. ائين خفي نہ ٿيءُ.``

خير، ٻن ٽن ڏينهن لاءِ آيل مهمان پورو هڪ هفتو رهيا. ڪنهن ڏينهن برلا مندر تہ ڪنهن ڏينهن جهولي لعل مندر ڏسڻ لاءِ پنهنجي اِڇا پرگهٽ ڪيائون تہ ٻئي ڏينهن مڪتي ڌام ۽ گنگا گهاٽ گهمائڻ لاءِ چوڻ کان بہ ڪين هٻڪيا. مونکي آفيس مان موڪل وٺي مهمانن سان گڏ شهر جي پرڪرما ڏيڻي پيئي. رڪشا وغيره جو ڀاڙو ڏيڻ لاءِ مهمان مهاشيہ پنهنجو ٻٽوئون ڪونہ کوليو. مون اِهو سڀ ڪجھہ ڀاٽي همورا ڪيو.

وڃڻ واري ڏينهن مهمان مهاشيہ پنهنجي آخرين اِڇا ظاهر ڪندي چيو، ”ٻڌو اَٿم تہ اوهانجي شهر جا بيھہ ۽ پاپوڙا ڏاڍا مشهور آهن.`` مون ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي تہ جهٽ منهن کوليندي چيائين، ”مونکي پاڙي اوڙي وارن بہ چئي ڇڏيو آهي تہ اَسان لاءِ پڻ وٺي اَچج.`` مون اِنڪار ڪونہ ڪيو. مهمانن کي مارڪيٽ ۾ وٺي هليس. پورا پنج ڪلو گرام بيھہ ورتائين ۽ بہ ڊزن پاپوڙا. مان پنهنجي حالت تي افسوس ڪائڻ لڳس.

خير، مهمان سکہ سان روانا ٿيا. ٻئي ڏينهن دفتر ۾ جڏهن پهتس تہ اُهو پگهار جو ڏينهن هو. پگهار ملي ڏسان ڪٽي تہ صاحب اُنهن ستن ڏينهن جي پگهار ڪاٽي ڏني هئي. منهنجون ٻہ بہ ويئون تہ ڇھہ بہ ويئون. شريمتي مون تي ڏمرجڻ لڳي. مان اَهڙو ڪڇان جهڙي پت.

مان پرماتما کي پرارٿنا ڪرڻ لڳس تہ اي پريو! اَسان وٽ مهمان اَچن. اُن لاءِ مونکي ڪابہ شڪايت ڪانهي، مگر اسان جي عزيزن کي مهمان ٻڌڻ سيڪار تہ تنهنجو شڪرگذار رهندس.

## نوان لفظ

| | | |
|---|---|---|
| ڪُمهلو - بي وقتو | وارد ٿيڻ - پهچڻ | اون - فڪر |
| نصيب - ڀاڳ | آدرستڪار - مرحبا، آجيان | اُڪير - سڪ |
| دفتر - آفيس | لذيذ - سوادي | اُمالڪ - يڪدم |
| ڏمرجڻ - ڪاوڙجڻ | همورا ڪرڻ - جوابداري کڻڻ | خفي ٿيڻ - پريشان ٿيڻ |

## اَڀياس

**سوال.١. هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) مهمان کي ڪنهنجو روپ ڪري ليکيو ويندو آهي؟
٢) مهمان جي گهرواريءَ ڪاڏي جي آڇ جو ڪهڙو جواب ڏنو؟
٣) مهمان جون ڪهڙيون فرمائشون هيون؟
٤) مهمان وڃڻ وقت ڪهڙي آخرين اِڇا ظاهر ڪئي؟

**سوال.٢. هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو.**

١) آيل مهمانن جي ڪري ليکڪ کي ڪهڙيون تڪليفون درپيش آيون؟
٢) مهمانن کي روانو ڪرڻ کان پوءِ ليکڪ پرماتما کي ڪهڙي پرارٿنا ڪئي؟

**سوال.٣. (الف) هيٺين جا ضد لکو.**

اندر، سک، ڏينهن، مشڪل، سوادي

**(ب) هيٺين جون صفتون ٺاهيو.**

گهر، رات، شهر، قسمت، آخر

**(ٿ) هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

خفي ٿيڻ، اَفسوس ڪرڻ، هموار ڪرڻ، اِڇا ظاهر ڪرڻ

**(د) وياڪرڻ موجب ڳالهائڻ جا لفظ سڃاڻو.**

دل، اَفسوس، چاڪاڻ، سوادي، ايندا آهن، کي


**(ڪ) ”مهمان ڀڳوان جو روپ آهي“ ان وشيه تي پنهنجا ويچار لکو.**

## پورڪ اَڀياس

**(١) ڪر تي آڌار رڪنڊز عملي ڪم.**

صبح جو منهنجي زال چانهه تيار ڪئي ................................... پاڻ تي هموار ڪيو.

**(الف) هيٺيون خاڪو پورو ڪريو.**




**(ب) جوڙا ملايو.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | سوادي | (i) | ڪافي |
| (2) | گهاٽو کير | (ii) | پرڪرما |
| (3) | رڪشا | (iii) | طعام |
| (4) | شهر | (iv) | ياڙو |

(ب) ”دل جو سور دل ۾ پي بازار ۾ ويس“ ڏنل جملي ۾ دل ٻه دفعا ڪم آيل آهي. اَهڙيءَ طرح ٽڪر مان ٻيا جملا ڳولهيو جن ۾ ڪوبه لفظ ٻه دفعا ڪم آيل هجي.

(س) هيٺيان جملا ڪنهن ڪنهن کي چيا آهن؟

١) ”اسين ته صبوح جو گهاٽي کير واري کان پيئندا آهيون.“

٢) ”ياڳن پري! مهمان ته ڪنهن ياڳن واري وٽ ايندا آهن.“

(٢) ’سُهڻا توهه پٽن تي گهٽا“ اِن چوٽي / اُپٽار تي روشني وجهو.

(٣) گهر ۾ آيل مهمان ۽ ٻن ياتين جي وچ ۾ گفتگو لکو.

(۴) توهانجي گهر ۾ آيل مهمان بابت آزمودو آيل ڪو واقعو لکي اَچي ڪلاس ۾ ٻڌايو.

(۵) ماستر ڪلاس ۾ هڪ سٺي مهمان جي گُڻن بابت گفتگو ڪرائي، شاگردن کي ’سُٺي مهمان جا گُڻ‘ گهران لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

## پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

٢) وچ واري چوکنڊي ۾ مناسب اَکر وجهو جئن اُيي ۽ آڏي نموني معنيٰ وارا لفظ ٺهن.

مثال :

| | | |
|---|---|---|
| | و | |
| م | ر | ڌ |
| | ٿو | |

١)

| | | |
|---|---|---|
| | چ | |
| ش | | ل |
| | ر | |

٢)

| | | |
|---|---|---|
| | م | |
| ٺ | | م |
| | ر | |

٣)

| | | |
|---|---|---|
| | ط | |
| م | | ظ |
| | ب | |

۴)

| | | |
|---|---|---|
| | عا | |
| ر | | ق |
| | ت | |

۵)

| | | |
|---|---|---|
| | ح | |
| م | | ر |
| | د | |

٦)

| | | |
|---|---|---|
| | ڊ | |
| س | | ڪ |
| | ڙ | |

6

# چترڪار ۽ چترڪلا

شري مينگھراج تلريجا (جنم : ١٩٢٤) هڪ آدرش اڌياپڪ ۽ مايہ ناز چترڪار هو. سندس ڪجھہ مضمون الڳ الڳ مخزنن ۾ ڇپيا آهن.

هن سبق ۾ ليکڪ ٻڌائي ٿو تہ چترڪلا هڪ اَهڙو فن آهي جنهن وسيلي چترڪار پنهنجي چترن دوارا من جي اُمنگن جو اِظهار گونگي ڀاشا ۾ ڪري ٿو.

ٻڌو، پڙهو ۽ سمجھو.



چتر ڪڍڻ جي ڪلا ايتري جھوني آهي، جيترو انسان ذات جو جنم. هيءَ هڪ گونگي ڀاشا آهي، جا هر ديش جا رهواسي سؤلائيءَ سان سمجھن ٿا. چترڪار پنهنجي اُمنگن جو اظهار چتر ذريعي ڪري ٿو. هو قادر جي قدرت کي ريکا، روپ ۽ رنگن وسيلي ظاهر ڪري ٿو.

جئن ڪوي يا ليکڪ پنهنجي ڀاشا جي واهڻ تي سوار ٿي سماج جا قسمين قسمين درشيہ پيش ڪري ٿو، نرتيہ ڪار پنهنجي ساريرڪ هلچل سان پيرن ۽ هٿن وسيلي ڀاونائن جو اظهار ڪري ٿو، سنگتراش هڪ پٿر مان مورتي جوڙي پنهنجي ڪلا سان ان ۾ جان پري ٿو ۽ راڳيندڙ پنهنجي مڌر ڪنٺ سان لئہ ۽ تال تي من کي مؤج وٺائي ٿو، تيئن چترڪار پڻ قدرت جي ڪلاميہ درشين کان متاثر ٿي پنهنجي گوناگون رنگن سان قدرت کي ساڪار روپ ڏيئي سرجڻهار جي سونهن، عام اڳيان آڻي ٿو.

ڪا قوم ڪيتري ترقي ڪيل آهي، سندس سڀيتا جو ڪيترو وڪاس ٿيل آهي، انجي ڄاڻ چترڪلا مان پوي ٿي. چترڪار جو هڪ ئي چتر ڪيئي داستان پڌرا ڪري ٿو. جنهن لاءِ شايد ليکڪ کي ڪيترا پنا ڪارا ڪرڻا پون! چترڪار کي ايشور اهڙي اکہ عطا ڪئي آهي جو هو رواجي نظاري کي بہ رنگن سان سينگاري عام کي متاثر ڪري ٿو. جنهن ذريعي سوکيم ۽ باريڪ پاوناٸن جو اِظهار بخوبي ڪري سگهي ٿو.

اَجنتا، ايلورا، کجوراهو وغيره جون غفائون ۽ اَسان جا پراچين مندر اُن جي ساک پرين ٿا. چترڪلا سڀيتا جو آئينو آهي.

ٻار کي سيکارڻ لاءِ چترڪلا هڪ قدرتي قدم آهي. سندس دماغي واڌاري لاءِ هيءُ سکيا جو هڪ سؤلو ۽ سريشٽ وسيلو آهي. ٻوليءَ ذريعي ڪجهہ بہ سمجهائڻ ۾ ٻار اَسمرٿ آهي ڇو تہ سندس اِڇا شڪتي ايترو واڌارو ڪيل ناهي ۽ نڪي وٽس ايترا لفظ ئي آهن؛ چتر وسيلي هو پنهنجا ڀاوَ ۽ آزمودا چڱيءَ طرح سان ظاهر ڪري سگهي ٿو. چتر دواران ڪجهہ بہ سمجهائڻ يا سيکارڻ اِئين بہ ڀاشا کان بهتر آهي، ڇو تہ چتر اُتساهہ ڏياريندڙ ۽ اَثردائڪ ٿئي ٿو. جئن ڪهاڻي ٻڌائڻ کان بهتر آهي تہ اُها پردي تي فلم دواران ڏيکارجي، تيئن ٻڌڻ کان سچ پچ ڏسڻ جو اَثر بہ ڪافي اَثردار ٿئي ٿو. چترڪلا ٻار جي شخصيت ناهي ٿي؛ صفائي ۽ سونهن لاءِ منجهس پيار ٿي پيدا ڪري. ٻار جو چتر ڏسي سندس من جو ڪتاب سؤلائيءَ سان پڙهي سگهجي ٿو.

اِهو ڪهڙو شخص هوندو جنهن کي قدرت جا نظارا ڏسي جيءَ ۾ جنبش نہ ايندي هوندي؟ هرهڪ اِنسان سونهن جو شونقين آهي ۽ اَهڙي درشٽي قدرت سڀ ڪنهنکي نندپڻ کان ڏني آهي.

چترڪلا بہ هڪ تپسيا آهي، ايڪاگرتا جو سؤلو ۽ سرل ساڌن آهي. چترڪار جڏهن بہ ڪنهن رچنا جو نرماڻ ڪرڻ ۾ مشغول هوندو آهي تڏهن هو هڪ تپسوي مثل سنسار کي هڪدم ڀلجي ويندو آهي، پنهنجو پاڻ ۾ گُم ٿي ويندو آهي! ساڌنا، سماڌي ۽ تپسيا جو مول متو بہ تہ اِهوئي آهي نہ؟ جنهن ڪاريہ ۾ مشغول آهيو، اُن ۾ پاڻ کي وڃائي ڇڏيو ۽ سهڻي نموني اُن کي پورو ڪريو.

## نوان لفظ ۽ اصطلاح

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اظهار ڪرڻ | - | ظاهر ڪرڻ | قادر | - | ايشور | واهڻ | - | سواري |
| متاثر ٿيڻ | - | اثر پوڻ | داستان | - | لنبي ڪهاڻي | پنا ڪارا ڪرڻ | - | گهڻو لکڻ |
| عطا ڪرڻ | - | ڏيڻ | بخوبي | - | چڱيءَ طرح | ساکہ ڀرڻ | - | شاهدي ڏيڻ |
| جنبش | - | جوش | مثل | - | وانگر | متو | - | اصول |

## اَڀياس

**سوال.١. هيٺين سوالن جو جواب هڪ ٻن سٽن ۾ لکو.**

١) چترڪار پنهنجي اُمنگن جو اظهار ڪهڙي نموني ڪري ٿو؟
٢) نرتيہ ڪار پنهنجي ڀاونائن جو اظهار ڪيئن ڪري ٿو؟
٣) ٻار جي لاءِ چترڪلا ڇو ضروري آهي؟
٤) ايڪاگرتا جو سؤلو ۽ سرل ساڌن ڪهڙو آهي؟

**سوال.٢. هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب ڏيو.**

١) چترڪلا سپيتا جو آئينو ڪيئن آهي؟
٢) چترڪلا تپسيا آهي، سمجهايو.

**سوال.٣. (الف) هيٺ ڏنل لفظن جا ضد لکو.**

انسان، سؤلو، خوش، نيڪي، ننڍو

**(ب) هيٺ ڏنل لفظن جون صفتون ٺاهيو.**

اثر، شوق، قدرت، سونهن، صفائي، شخص

**(ث) وياڪرڻ موجب ڳالهائڻ جا لفظ سڃاڻو.**

سهڻو، تہ، آئينو، آهي، سندس، چاڪاڻ

**(د) هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکي جملي ۾ ڪم آڻيو.**

(١) اظهار ڪرڻ (٢) متاثر ٿيڻ (٣) ساڪ پيرڻ (٤) عطا ڪرڻ

## پورڪ اَڀياس

**١. ٽڪر تي آڌارت عملي ڪم**

ڪا قوم ڪيتري ترقي ڪيل ........................................ ڪتاب سولائيءَ سان پڙهي سگهجي ٿو.

**١) برئڪيٽ ۾ ڏنل لفظ ڪم آڻي، فقري ۾ ليڪ ڏنل لفظ بدلايو.**


(ذريعو، ڀاشا، ڏاڪو، ڪمزور)

ٻار ڪي سيکارڻ لاءِ چترڪلا هڪ قدرتي قدم آهي. هي سکيا جو هڪ سولو ۽ سريشٺ وسيلو آهي. ٻوليءَ ذريعي ڪجھ بہ سمجھائڻ ۾ ٻار اَسمرٿ آهي.

**٢) هڪ سٽ ۾ جواب لکو.**

(الف) قوم جي ترقيءَ جي ڇا مان ڄاڻ ملي ٿي؟
(ب) ٻُڌڻ ڪان وڌيڪ اثردار ڇا آهي؟

۳) هيٺيان چوکنڊا پورا ڪريو.




۴) ٽڪر مان ڳھڻ ۾ ڳھٽ ٻہ لفظ ڳولهيو.

| پراچين | صفتون | فعل | تعليم سان واسطو رکندڙ |
|---|---|---|---|
| | | | |

۲. برسات ۾ قدرت جو نظارو يا ڪنهن ٻہ نظاري جو چتر ڪڍي اُن بابت لکو.

## پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

(۱) هيٺ ڏنل هرهڪ گروهہ ۾ ساڳيو اکر وجهي معنيٰ وارا لفظ تيار ڪريو.

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ب | | ڊ | م | | | |
| | و | ٿ | ڙ | ي | | |
| ا | ڳ | | ٽ | يِ | | |
| ڇَ | | ڇ | ٽ | و | | |
| پَ | س | آ | | | | |
| | و | ا | د | ا | ر | |
| | س | م | | | | |
| م | س | خ | | و | | |
| و | ا | | ٿ | | | |

(۲) توهانجي ايراضيءَ ۾ وڻن جي غير قانوني ڪٽائيءَ لاءِ اِطلاع ڪندي لوڪل اَخبار جي ايڊيٽر کي خط لکو.

(۳) ٻن دوستن / ساهيڙين جي وچ ۾ ڪمپيوٽر جي اَهميت تي ڳفتگو لکو.

(۴) جيڪڏهن مونکي پر (wings) هجن ها تہ ....... اِن وشير تي پنهنجا ويچار لکو.

# ڀارت جون مشهور جڳهيون

ڏسو، جاچيو ۽ ٻڌايو.



قطب منار (دهلي)



تاج محل (آگرا)



سوريہ مندر (ڪونارڪ)



بيبي ڪا مڪبرا (اورنگاباد)



سوني دربار (اَمرتسر)



ڪجورائو مندر (مڌيہ پرديش)

- ماستر شاگردن کي چتر ڏيان سان ڏسڻ لاءِ چئي. اُن جي باري ۾ وستار سان ڄاڻ حاصل ڪري ٻڌائڻ لاءِ چوي.
- سئر ڪرڻ يا گهمڻ جي اَهميت ٻڌايو.
- شاگردن کي ڪنهن بہ جڳهہ جي ڪيل سئر بابت ٻُڌائڻ لاءِ چئو.
- سئر تي وڃڻ کان اڳ۾ ڪِن ڪِن شين جي ضرورت پوندي آهي اُنهن جي ياداشت ٺاهيو.

# 7 آرسي

هيءَ هڪ مذاقي ڪھاڻي آهي. اِن سبق ۾ آرسيءَ بابت ٻُڌايل آهي ۽ هِن ۾ هڪ اَڻ ڏٺل شيءِ جي ڪري ڪيئن غلطفهمي پئدا ٿيئي ٿي اُن جو ذڪر ڪيل آهي.

ٻڌو، پڙهو ۽ سمجهو.




بينگال جي شهر ۾ هڪ ڪابل ملڪ جو ڦيريءَ وارو چانورن جي ٻنيءَ مان وچي رهيو هو. اوچتو ڪنهن پٿر لڳڻ ڪري هن ٿاٻو کاڌو ۽ هيٺ نئڙي جئن پٿر پري ٿي ڪيائين تہ سندس ٿيلهي مان هڪ آرسي ڪري پيئي، جنهن جو پتو هنکي نہ پيو. ٻئي ڏينهن جڏهين انهيءَ ٻنيءَ جو مالڪ ڪسان آيو ۽ لابارو وجهڻ شروع ڪيائين تہ اُها آرسي لڌائين. ڀالو ڀولو ڪسان ڪڏهين بہ پنهنجي ڳوٺ کان ٻاهر ڪونہ ويو هو. سو نئين چيز ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو. هو عجب وچان آرسيءَ کي پنهنجن هٿن ۾ هيٺ مٿي ڪرڻ لڳو ۽ نيٺ ڪٽي اَکين اَڳيان جهليائين تہ وات ڦاٽي ويس. آرسيءَ ۾ پنهنجو پاڇو ڏسي هاري ويچارو منجهي پيو. نيٺ سوچيائين، ”شايد منهنجي پتا جو منهن آهي.“ هاري اَڃا ٻار هو تہ سندس پيءُ گُذاري ويو هو. هينئر هو اُسري مرد ماڻهو ٿيو هو ۽ سندس روش پيءُ تي پئي ويا. ڪيس پيءُ جي تمام اَڻ لکي يادگيري هئي. سو هن آرسي وري ڪٽي اَکين اَڳيان جهلي تہ پنهنجي پاڇي کي پيءُ سمجهي، ڏاڍيءَ شرڌا سان پرنام ڪري چميائين ۽ پيار

مان چيائين، ”واھ! پوجيہ پتاجي! توھين آسمان مان ھيٺ لھي آيا آھيو ڇا؟ ڇو منھنجي ڇانورن جي ڪيٽ ۾ لڪي ويٺا آھيو؟ ھلو تہ توھانکي گھر وٺي ھلان.“

ڪسان آرسي ھٿ ۾ جھلي ٻنيءَ ۾ ڇوڏاري چڪر ڏيئي اُن سان ڳالھيون ڪرڻ لڳو. پاڇي کي چيائين، ”خبر اَٿوَ! توھانجي پرلوڪ پڌارجڻ کانپوءِ مون ھيءَ ڇانورن جي پوک ڪئي. مون ’لڪشمي‘ (ڇانورن جو قسم) بہ پوکيا جيڪي ھاڻي تيار ٿيا آھن ۽ جلدي مان اِھو فصل لڻندس ڏسو تہ پڪل ڪڻا ڪيئن نہ سج جي روشنيءَ ۾ چمڪي رھيا آھن! ۽ ھوُ ٻنيءَ جي پريان (آڱر سان اِشارو ڪندي) اَسانجو گھر آھي. توھانجي جيئري فقط ھڪڙو ڪمرو ھوندو ھو. ھاڻ مون ہ ٻيا ٻہ ڪمرا ٺھرايا آھن. ھلو تہ اُھي مان توھانکي ڏيکاريان! ڏسو! توھانجي پٽ ڪيڏي نہ ترقي ڪئي آھي!“ ڪم ڇڏي گھر آيو. اُتي آرسيءَ کي ٿانئيڪي ھنڌ رکڻ لاءِ گھٽيئي ڪندون پاسا نوسڻ لڳو. ڪيس ڪا پيتي، ٽرنڪ يا ڪٻٽ تہ ھو ڪونہ. نيٺ ھن پاڻيءَ جي خالي مٽڪي ۾ ڪٽي آرسي رکي. پوءِ ھوُ واپس ٻنيءَ تي ڪم ڪرڻ ويو. پر سڄو وقت ڌيان اِنھيءَ آرسيءَ ۾ ڪتل ھوس. ٻئي ٽئين ڏينھن بہ ڪم تي ويو پر دل ڪم ۾ نٿي لڳس. ھوُوچ وچ ۾ ٻنيءَ تان واپس گھر اَچي مٽ مان آرسي ڪڍي اُن سان حال اَحوال اوريندو ھو ۽ وري واپس مٽڪي ۾ رکي ھليو ويندو ھو. پر رکڻ کان اڳہ آرسيءَ کي چوندو ھو، ”بابا، مونکي توکي اَڪيلو ڇڏڻ تي دل تہ نٿي وري پر ڇا ڪريان؟ پيٽ قوت قيد ڪري وڌو آھي.“

ڪيترا ڏينھن ڪسان جي اِھا عجيب ھلت ھلندي رھي. ھنجي زال جا ھميشہ رنڌڻي جي ڪرت ۾ ئي ھوندي ھئي، تنھنکي مڙس کي اوير سوير واپس ورندو ڏسي ڪٽڪو جاڳيو. ھن اِھو بہ جاچيو تہ ھاڻي سندس گھوٽ پنھنجو پاڻ ۾ رُڌل ھوندو ھو. نہ سندس کو حال اَحوال وٺندو ھو، نڪو وري چرچو گھبو ڪندو ھو. اَلاجي ڪھڙي ساٽس ويڌن آھي. پتو اَوس لھڻ کپي. سو ھڪڙي ڏينھن جيئن سندس قدمن جي آھٽ ٻڌائين تہ چپ چاپ رنڌڻي مان ٻاھر نڪري اَچي ڪمري ۾ لڪي ٻيٺي. ڏٺائين تہ سندس مڙس مٽڪي پرسان وڃي اُن مان ڪا چيز ٻاھر ڪڍي ۽ اُنھيءَ کي اَکين تي رکي وري وري چميائين ۽ پوءِ مشڪي واپس مٽ ۾ وڌائين.

جڏھين ھاري واپس ٻنيءَ تي ھليو ويو تہ جوٽس وڃي مٽ جو ڍڪ لاٿو ۽ اندران آرسي ڪڍي ورتي. ھن بہ اَڳي ڪڏھين آرسي ڏٺي ڪانہ ھئي. سو اُنھيءَ ۾ جو پنھنجو پاڇو ڏٺائين تہ عجب لڳي ويس. پوءِ سڙندي پڇندي چوڻ لڳي، ”بري ٻڌ! مان بہ ڇوان مڙس ڳنڍيون ڳوڙھا ٿيو پيو آھي. آھي ڪھڙي ماجرا! سو ٻي پرڻجي اَچي مٽڪي ۾ سوگھي ڪئي اٿس ۽ لڪي لڪي ويٺو ان سان عشق پچائي. تڏھن مونکي منھن نٿي ڏنائين. پلا سڄو وقت لنو لڳي پيئي اَٿس ٻيءَ سان، سو مان ڪٿي ٿي ياد پوانس. اَچ اَچي تہ گھر، تہ چنچري لاھيانس.“ سو ٻھاري ھٿ ۾ جھلي گھوٽ جي اَچڻ جو اِنتظار ڪرڻ لڳي. سڄي ڏينھن جي سخت پورھئي کانپوءِ ھاري شام جو ٿڪو ماندو جئن گھر ۾ ٻينو تہ جوٽس ٻھاريءَ سان اُھي سٽڪا وڄايائينس جو مڙس جي رڙ ھيٺ رڙ مٿي. پر ھيءَ بہ جڙر ٿي چوڻ لڳيس تہ، ”دشت! اَھڙو ڪڪرم ڪرين ڇو؟ مونکي اَنڌ ۾ رکي ٻي وٺي ويٺو آھين؟ اِئين چئي آرسي ڪٽي ڏانھنس اُڇلايائين.

تڏھين ھاريءَ مٽي تي ھٿ ھڻي چيو، ”سياڳي، ھيءُ تہ منھنجو اَبو آھي. منھنجو پيارو اِبو!“ پوءِ گوڏن پر ويھي ڏاڍيءَ عزت سان ٻنھي ھٿن ۾ آرسيءَ کي جھليائين. جوٽس کي تپرس وٺي ويو تہ ڪٿي ڪل

تہ نہ ٽرڪي ويئي اَٿس. سو رڙ ڪري ڪيس چيائين، ”چا مان اَنڌي آهيان!“ ۽ هٿن مان آرسي ڦري چيائينس، ”ڏسان تہ سهين تنهنجو بابل! تون هن عورت کي پنهنجو پيءُ ٿو چوين؟“

”آهين تہ ڪا چري“ مڙسس خفي ٿيندي چيو.

”ڪير آهي چريو؟ اَچي پنهنجين اَکين سان ڏس. چا تنهنجو پيءُ ٻچيءَ ۾ هار ٽنگيندو هو؟ وڏا وار رکائيندو هو؟“

سندن واڪو واڪاڻ تي هڪ پاڙيسرڻ ڊڪندي آئي! ساهيڙيءَ کان پڇيائين، ”اَدي چا تي جهڳڙو ڪيو اَٿوَ؟ هيءُ پهريون دفعو آهي جو توهانجي گهر ۾ ٻائيتال متو آهي؟“

هاريءَ جي زال آرسي ڪڍي پاڙيسرڻ کي ڏيکاريندي چيو، ”ڏس هن جا اَفعال منهنجي جيڏري ٻيءَ سان لائون لهي اَچي ڪيس متڪيءَ ۾ وهاريو اَٿس. مٿان وري مرڪي ٿو چوي تہ اِهو سندس بابو آهي.“

پاڙيسرڻ ڪسان جي زال جي پنيان سندس ڪلهي وٽان جو آرسيءَ ۾ نهاريو تہ ڪيس ٻہ شڪليون نظر آيون. ”اَڙي اَبا، هت هڪ نہ پر ٻہ زالون آهن. پر هڪ تہ اُن منجهان تون آهين.“

”۽ هوءَ ٻي زال ڪير آهي؟“ پاڙيسرڻ پڇيو.

”هاڻي هاري اُٿي آيو ۽ چيائين، ”چا پيئيون بڪو.“ اتيئي سندس چهري جو رنگ بدلجڻ لڳو. هوُ عجب ۾ وات ڦاڙي آرسيءَ ۾ نهاري چوڻ لڳو، ”هن ۾ تہ ٽي شڪليون آهن. جوش ۾ پرجي ٽيئي هڪٻئي ڏانهن نهارڻ لڳا ۽ وري آرسيءَ ۾ ڏسڻ لڳا. پوءِ تہ ڏاڍي اُتساهہ ۾ پرجي هنن وٽي پاڙيوارن کي سڏ ڪيا تہ اَچي هڪ حيرت انگيز چيز ڏسن.

پاڙيسري اَچي گڏ ٿيا ۽ آرسي هڪ هٿ کان ٻئي هٿ ڏانهن هلندي هلي. گهڻي بحث مباحثي بعد مس مس وڃي هنن سمجهيو تہ آرسي چا ٿيندي آهي.

تنهن بعد آرسيءَ جي چاڻ انهي ڳوٺ مان پکڙجي پريان ٻين ڳوٺن ۾ وڃي پهتي ۽ هتان هتان ماڻهو آرسي ڏسڻ آيا ۽ آرسيءَ جو راز سمجهڻ لڳا.

## نوان لفظ

ٽاٻو ڪائڻ - ڏکو ڪائڻ
حيرت ۾ پوڻ - عجب ۾ پوڻ
خفي ٿيڻ - پريشان ٿيڻ
ڪل ٽرڪڻ - چريو ٿيڻ
لائون لهڻ - شادي ڪرڻ
حيرت اَنگيز - عجيب

نئڙي - جُهڪي
اُسري - وڌي
لنو لڳڻ - دل لڳڻ
اَوس - ضرور
ڪرت - ڪم

لاٻارو وجهڻ - فصل لڻڻ/ڪٽڻ
ويڌن - تڪليف
تپرس - عجب
ٻائيتال مچڻ - تمام گهڻو گوڙ ڪرڻ
نوسڻ - جاچڻ

## اَڀياس

**سوال.١. هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) ڦيريءَ واري جي ٿيلهي مان ڇا ڪري پيو؟
٢) ڪسان منجهي ڇو پيو؟
٣) ڇانورن جي ڪهڙي قسم جو ذڪر ڪيل آهي؟
۴) ڪسان آرسيءَ ۾ ڏٺل پاڇي کي ڇا سمجهيو؟

**سوال.٢. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

١) ڪسان آرسي مٽڪي ۾ ڇو رکي؟
٢) ڪسان جي زال کي آرسي ڏسي ڪهڙي غلطفهمي ٿي؟
٣) ڳوٺ وارن آرسيءَ جو راز ڪيئن سمجهيو؟

**سوال.٣. هيٺيان جملا ڪنهن، ڪنهن کي چيا آهن؟**

١) ”توهين آسمان مان هيٺ لهي آيا آهيو ڇا؟“
٢) ”تڏهن مونکي منهن نٿي ڏنائين.“
٣) ”هيءُ منهنجو اَبو آهي.“
۴) ”ڏسان ته سهين تنهنجو بابل!“
۵) ”هيءُ پهريون دفعو آهي جو توهانجي گهر ۾ ٻائيتال متو آهي.“

**سوال.۴. هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

ناهڻ، خالي، سخت، وڏا، پنيان

**سوال.۵. هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

لابارو وجهڻ، حيرت ۾ پوڻ، ڪل ترڪڻ، خفي ٿيڻ، ٻائيتال متڻ

**سوال.٦. هيٺيان لفظ، ڳالهائڻ موجب ڪهڙا لفظ آهن؟**

جنهن، عجب، ڪي، ڪيس، سخت، پوءِ

## پورڪ اڀياس

**١. تڪر تي آڌار رڪندڙ عملي ڪم.**

ڪسان آرسي هٿن ۾ جهلي ................................. پيٽ قوت قيد ڪري وڏو آهي.

**١) هيٺ ڏنل اُبتڙ لفظن جا جوڙا ملايو.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | لوڪ | (i) | پريل |
| (2) | خالي | (ii) | پوءِ |
| (3) | هاڻي / اَڳ | (iii) | پرلوڪ |
| (4) | جيئرو | (iv) | مئل |

**٢) هيٺ ڏنل ستون سمجهايو.**

(الف) پيٽ قوت قيد ڪري وڌو آهي.

(ب) پڪل ڪٽا ڪيئن نہ سج جي روشنيءَ ۾ چمڪي رهيا آهن.

**٣) ٽڪر مان هيٺ ڏنل سٽن جي معنيٰ ڀڏائيندڙ جملا ڳولهي لکو.**

(الف) سڄو وقت هوُ آرسي بابت سوچي رهيو هو.

(ب) هاٽي مان واڏارو ڪيو آهي.

**۴) بريڪيٽ ۾ ڏنل هدايت موجب ڪاروائي ڪريو.**

(الف) توهان جي پُٽ ڪيڏي نہ ترقي ڪئي آهي.
(”تمام گهڻي“ لفظ ڪم آڻي جملو وري لکو)

(ب) هوُ ڪم ڇڏي گهر آيو.
(جملي مان فعل ڳولهيو ۽ اُهو فعل ڪم آڻي ٻيو جملو لکو)

(ڪ) ٻنيءَ جي پريان اَسانجو گهر آهي.
(جملي مان حرف جر ڳولهي، اُهو ڪم آڻي ٻيو جملو لکو)

(د) نيٺ هُن پاٽيءَ جي خالي متڪي ۾ ڪٽي آرسي رکي.
(جملي مان اِسم ڳولهيو)

**۵) ٽڪر مان ڳولهيو.**

١. ڇانورن جو قسم : ☐

٢. شرير جو عضوو : ☐

٣. هڪ تارو : ☐

۴. متڪي لاءِ ٻيو لفظ : ☐

۵. ”سرڳواسي ٿيڻ“ جو ٻيو اصطلاح : ☐

٦. سامان رکڻ جي جڳهہ : ☐

٢. ماستر شاگردن کي، ڪسان، زال، پاڙيسرين جو ڪردار ڏيئي هيءُ سبق ناٽڪ روپ ۾ ڪلاس ۾ پيش ڪرڻ لاءِ چوندو.

٣. آزمودو آيل يا ٻُڌل ڪو مزيدار قصو لکو.

۴. توهان جي پاڙي ۾ شاديءَ جو هال آهي جتي گهڻو ڪري دير رات تائين ميوزڪ، ڳانا هلڻ ڪري توهان کي پريشاني ٿيندي آهي، اُن جي لاءِ وقت جي پابندي هئڻ گهرجي اِن طرف ڌيان ڇڪائيندي نگر سيوڪ کي خط لکو.

۵. توهانکي ٻئي ڪنهن شهر ۾ بس ذريعي وڃڻو آهي. اُن جي ڇاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ٽورس ٽرئويل دلال ۽ گراهڪ (توهان) جي وچ ۾ گفتگو لکو.

٦. پاڻي اَسانجو جيون آهي وانگر ’پاڻي‘ لاءِ پنج نعرا لکو.

# پاڙ ڪريان - پاڙ سکان

(١) هيٺ ڏنل برئڪيٽ مان مناسب چونڊي چوڪنڊا پريو.

(ولر، ڍڳہ، جوڙ، پري، عملو، ڌڻ، ميڙ، ڳڇو (ڇُڳو))




(٢) هينين جا ضد لکو.

١) خوبصورت

٢) هيٺ

٣) ڏُک

۴) قانوني

(٣) هلڪي هلڪي برسات - مان، دوست، بس، گهر، دير ٿيڻ اِنهن ذريعي قصو / گهٽنا بيان ڪريو.

(۴) توهانجي هيڊ ماستر کي آڌار ڪارڊ ٺهرائڻ لاءِ بورنافائيڊ سرٽيفڪيٽ ڏيڻ لاءِ درخواست لکو.

# گُهرجون

**ماٺ ۾ پڙهو، سمجهو ۽ عمل ۾ آڻيو.**

گُهرجون جن جون گهٽ سي پهاڙ چڙهندا جهٽ.

پهاڙ تي چڙهڻ ڏکيو ٿيندو آهي ۽ وري جيترو سامان وڌيڪ، اوترو پهاڙ تي چڙهڻ اَڃان وڌيڪ مشڪل ٿيندو آهي. جيڪڏهن ضرورت جيترو جيترو سامان پاڻ سان کڻبو تہ پڪ پهاڙ جي چوٽيءَ تي سَوَلائيءَ سان پهچي سگهبو. زندگيءَ جون گهرجون بہ اِن سامان وانگر آهن. ضرورت کان وڌيڪ اَسان کي منزل مقصد ڏانهن وڌڻ ۾ رڪاوٽ کڙي ڪن ٿيون.

چوٽي آهي،

''گهرجون گهيرائو ڪن، سمجهہ ڏئي نہ ساٿ.''

اَسانکي پنهنجي گهرجن جو دائرو محدود رکڻ گهرجي. جيڪڏهن هڪ دفعو اُهو دائرو وڌي وڃي ٿو تہ پوءِ اُنکي گهٽائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ڪنهن کوهہ ل ۾ گِهرڻ سؤلو آهي، مگر ٻاهر نڪرڻ ڏکيو آهي. دکہ ۽ سکہ جو هڪ ٻئي سان گهرو ناتو آهي. جنم کان مرڻ تائين دکہ ۽ سکہ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل رهن ٿا تنهن ڪري اَسان کي سوچي سمجهي قدم وڌائڻ گهرجي. دولت ڪڏهن پريءَ ۾ تہ ڪڏهن پاڪر ۾. جيڪڏهن اَسانجي ڪمائي ضرورتن کان گهٽجي ويندي تہ اَسانکي بُرين عادتن جو شڪار بڻجڻو پوندو. پر جيڪڏهن اَسان اِهو اُصولُ اَپنايون تہ ''اَجايو نہ وڃايون'' يا ضرورت موجب گهرج پوري ڪريون.

تہ پوءِ اَسين پنهنجي زندگي خوشيءَ سان بسر ڪري سگهون ٿا.

پر جيڪڏهن اَسين پنهنجي گهرجن تي ظابطو نٿا رکون ۽ جيڪڏهن دولت منهن موڙي ٿي تہ اُن وقت اَسانجي لاءِ گهرجون گهٽائڻ مشڪل ٿي پوندو ۽ اَسين نراش ٿي وينداسين ۽ گهرجن کي پورو ڪرڻ لاءِ اَسانکي ناجائز ڪم ڪرڻا ٿا پون ۽ شرمندو پڻ ٿيڻو ٿو پوي. اِن لاءِ اَسانکي گهرجي تہ زندگيءَ ۾ سادگي آڻيون. اَنگريزيءَ ۾ پڻ چوٽي آهي :

Simple Living High Thinking

شاعر پارتي گهرجن جو هينين ريت بيان ڪيو آهي.

گهرجن جي ڏهاڙي ٿي لڳي پيڙ نئين

۽ دل ۾ اُٿي درد نئون، پيڙ نئين.

جيترو ٿي سگهي گهرجن کي گهٽائڻ گهرجي. ٻي حالت ۾ گهرجون اَسانکي پنهنجي چنبي ۾ جکڙي ڇڏينديون.

جنهن اِنسان جون گهرجون محدود آهن. اُهو ڪنهن جي بہ اَڳيان جهڪي نٿو.

- مٿيون ٽڪر پڙهڻ لاءِ ڇئو. اِن بابت گفتگو ڪرايو. گهرجون محدود رکڻ جي اَهميت سمجهايو.

# 8 پيار جي جيت

شري تيرٿ سپاهيءَ جو جنم ٢٦ فيبروري سنه ١٩٠٦ع ۾ سنڌ جي اتهاسڪ شهر لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هي صاحب سٺو نثر نويس ۽ سڦل پترڪار به هو. هي سوتنترتا سنگرامي ۽ سچو گانڌيوادي هو. سندس سڪياداڪ جيون اپيوگي مضمونن جا ڪيترائي مجموعا شايع ٿيا. هي صاحب ''هندستان سنڌي روزاني ۽ هندواسي'' هفتيوار مغزن جو سمپادڪ ٿي رهيو. هن سبق ۾ ليکڪ ٻڌايو آهي ته دشمن تي ديا ڪري پيار ڏجي ته هو پاڻيهي پنهنجو ٿي ويندو.

ٻڌو، پڙهو ۽ سمجهو.



هڪ ڀيري گوتم ٻڌ جي شش جو ڪنهن ڳالهه تان پاڻ ۾ اَچي متڀيد ٿيو. ڳالهه جو نبيرو ڪرڻ لاءِ گوتم ٻڌ، ششن کي سڏ ڪري کين هيٺين ڪٿا ٻڌائي.

''هڪ دفعي ڪاشيءَ جو راجا برهمدت ڪوسل جي راڄ تي چڙهائي ڪري ويو. اُتي جو راجا پاڻ کي اَهڙي جبري دشمن اَڳيان پاڻ کي اَسمرٿ سمجهي، منهن لڪائي ڪيڏانهن نڪري ويو. پر برهم-دت پنهنجا ماڻهو پنيانئس چاڙهي موڪليا، جي ڪيس جهلي راجا برهم-دت اَڳيان وٺي آيا هن فيصلو ڏنو ته ڪيس ڦاسيءَ تي چاڙهيو وڃي.

”مقرر ڏينهن مقرر وقت تي ڪوسل جي راجا ڪي ڦاسيءَ تي چاڙهڻ لاءِ وٺي آيا. اُن ويل راجا پنهنجي پٽ ڪي پرٻوڌ ڏنو تہ ٻچا، ويڙ سان وير ڪاٽا نہ ٿيندو آهي. اِئين ڪرڻ سان مورڳو ٿي اِهو وڌندو آهي، پر وير تياڳڻ سان ئي وير ختم ٿيندو آهي. خير پيءُ جي ڦاسي چڙهڻ ڪري پٽ جو رت ٽهڪڻ لڳو ۽ هوُ اُن جو بدلو وٺڻ جا گهاٽ گهڙڻ لڳو. اِنهيءَ نيت سان هو ويس مٽائي، ڪاشيءَ جي راجا وٽ اچي نوڪريءَ ۾ گهڙيو ۽ راجا جو رٿوان بڻيو.

”هڪ ڏينهن راجا پنهنجي اَميرن سان گڏ شڪار تي نڪتو. اِتفاق اَهڙو اَچي بڻيو جو شڪار ڪندي راجا اَميرن جي اَٽالي ڪان اَلڳ ٿي ويو. راجا ڪي هيڻن اَڪيلو ڏسي، رٿوان (راجڪمار) ڪي پيءُ جي وير پاڙڻ جو ويچار دل تي تري آيو. هن مياڻ مان تلوار ڪيڊڻ لاءِ هٿ وڌايو تہ ڪيس يڪدم پيءُ جا پويان اَکر ياد آيا. وير سان وير شانت نٿو ٿئي، ۽ سندس هٿ هڪدم رڪجي ويو. نيڪ اُن وقت راجا رٿوان کي چيو، ”اَلائجي ڇو ڪجهہ ڏينهن ننڊ ۾ پيو ڏسان تہ ڪوسل جي راجا جو پٽ منهنجي ڇاتيءَ تي چڙهيو وينو آهي ۽ هٿ ۾ تلوار اَٿس. تنهن سان مونکي ختم ڪرڻ ٿو چاهي. اِنهيءَ تي رٿوان راجا کي دلداري ڏيندي چيو، راجن اَوهين اِنهيءَ جو ڪو اُلڪو ئي نہ ڪريو. اِهو راجڪمار مان ئي آهيان. منهنجو پيءُ مرڻ مهل مونکي جيڪا هدايت ڪري ويو آهي اِهو پالڻ جو مون پڪو نشچيہ ڪيو آهي، تہ وير تياڳڻ سان ئي وير شانت ٿئي ٿو؛ آءٌ ڪداچت اَوهان جو وار ونگو نہ ڪندس. راجا برهم-دت راجڪمار جي تياڳ درشٽي ۽ اُدارتا ڏسي گهڻو پرسن ٿيو ۽ واپس موٽڻ تي ڪيس نہ رڳو پيءُ جو راڄ ياڳہ موٽائي ڏنائين، پر ڪيس پنهنجي ڪنيا سان شادي پڻ ڪرايائين.

”هن سنسار ۾ ڌڪار ڪڏهن بہ ڌڪار سان ختم ڪين ٿي ٿئي. ڌڪار، پريم سان ئي ناس ٿئي ٿي. منش غصي تي قرب سان ئي غالب پئجي سگهندو ۽ بُرائيءَ تي چڱائيءَ سان، ڪير دشمني رکي ۽ اُن سان موٽ ۾ دشمني رکجي تہ اَڳلي کي وڌيڪ غصو چڙهندو ۽ هوُوير وٺڻ لاءِ وڌيڪ رٿون رٿيندو ۽ گهاٽ گهڙيندو. اِئين دشمني ٻنهي طرف وڌندي ۽ ٻنهي کي پيو جوکم رسندو. پر جيڪڏهن دشمني يا ويرُ وروڌ رکندڙ سان پريم پريو ورتاءُ ڪبو. ساڻس قرب سان هلبو تہ اوس اُهو پريم ۽ قرب سندس هردي اَندر گهڙي ويندو ۽ دشمنيءَ جو نالو نشان بہ اَندر ۾ ڪين رهندو. جيئن ڪاشيءَ جي راجا جي دل ۾ ڪوسل جي راجڪمار لاءِ پريم اُتپن ٿيو ۽ ڪيس راڄ واپس ڏنائين. نيڪيءَ جي موٽ ۾ نيڪي ئي ملندي.

## نوان لفظ

شش - پوئلڳہ، چيلو
اُلڪو - فڪر، اونو
ويل - وقت
ڌڪار - نفرت

تياڳڻ - ڇڏڻ، قربان ڪرڻ
رٿوان - رٿ کي هلائيندڙ
ڪداچت - ڪڏهن بہ نہ
قرب - پيار

جبر - مضبوط، طاقتور
اسمرٿ - ڪمزور
وير - دشمني

## اصطلاح

(١) دلداري ڏيڻ - آٿت ڏيڻ
(٢) جوکم رسڻ - نقصان پوڻ
(٣) وار ونگو نہ ٿيڻ - ڪجهہ بہ نقصان نہ پهچڻ
(۴) پرٻوڌ ڏيڻ - نصيحت ڏيڻ
(۵) نبيرو ڪرڻ - فيصلو ڪرڻ

# اَڀياس

**سوال.١. هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) راجا برهمدت ڪنهن تي چڙهائي ڪئي؟
٢) ڪوسل جي راجا لاءِ ڪهڙي سزا مقرر ڪئي ويئي؟
٣) ڪوسل جي راجا جي پٽ ڪاشيءَ جي راجا وٽ نوڪري ڇو اَچي ڪئي؟
۴) راجا رٿوان ڪي ڇا چيو؟

**سوال.٢. هيٺين جا ٿوري ۾ جواب ڏيو.**

١) ٻڌ ڀڳوان ششن کي ڪنهن جي ڳالهه ٻڌائي ۽ ڇو؟
٢) راجڪمار کي ويرونڻ جو ڪهڙو وجهه مليو ۽ ڪڏهن؟

**سوال.٣. (الف) هيٺين جا ساڳي معني وارن لفظن جا جوڙا ملايو.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | قرب | (1) | وقت |
| (2) | نيڪي | (2) | اونو |
| (3) | اُلڪو | (3) | ساراهه |
| (4) | ويل | (4) | پيار |

**(ب) هيٺ ڏنل لفظن جا ضد لکو.**

راجا، دشمن، پريم، اندر، ختم

**(ث) وياڪرڻ موجب ڳالهائڻ جا لفظ سڃاڻو.**

سان، نڪتو، تلوار، ۽، نيڪي، اُن

**(د) هيٺين اِصطلاحن جي معني لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

(١) دلداري ڏيڻ (٢) وار ونگو نه ٿيڻ (٣) جوکم رسڻ (۴) نبيرو ڪرڻ

**(ف) هيٺين لفظن جون صفتون ڳاهيو.**

هٽ، برائي، قرب، نيڪي، دُشمني

# پورڪ اَڀياس

**١. تڪر تي عملي ڪم**

هن سنسار ۾ ڏڪار ................................ موت ۾ نيڪي ئي ملندي.

**(الف) تڪر مان جواب ڳولهيو.**

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| پريم | ← | ضد | ← | |
| پريم | ← | ساڳي معني وارو لفظ | ← | |
| دشمني | ← | ساڳي معني وارو لفظ | ← | |
| برائي | ← | ضد | ← | |

**(ب) برئڪيٽ ۾ ڏنل هدايتن موجب جملا لکو.**

١) نيڪيءَ جي موٽ ۾ نيڪي ئي ملندي.
(ليڪ ڏنل لفظ گرامر موجب سڃاڻي لکو.)

٢) ڪاشيءَ جي راجا جي دل ۾ ڪوسل جي راجڪمار لاءِ پريم اُتپن ٿيو.
(ليڪ ڏنل لفظ جو مونث ڪم آڻي نئون جملو ٺاهي لکو)

٣) منش غصي تي قُرب سان ئي غالب پئجي سگهندو.
(”جيڪڏهن“ لفظ سان شروع ڪري جملو وري لکو)

۴) ڏڪار پريم سان ئي ناس ٿئي ٿو.
(ليڪ ڏنل لفظ گرامر موجب سڃاڻي لکو)

**(ٻ) جوڙا ملايو.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | جوکم رسڻ | (i) | چائنجي وڃڻ |
| (2) | گهات گهڙڻ | (ii) | نقصان پهچڻ |
| (3) | غالب پوڻ | (iii) | سازش سٽڻ |

**(پ) هيٺ ڏنل چوکنڊي ۾ ڪجهه لفظ ڏنل آهن اُنهن مان شفي (Positive) ۽ نفي (Negative) لفظ ڳولهي خاڪو ٺاهي لکو.**

ڏڪار، وير، پريم، جوکم، قرب، نيڪي، ختم، ناس، بُرائي، چڱائي

| | |
|---|---|
| شفي لفظ (Positive) | |
| نفي لفظ (Negative) | |

**٢. گوتم ٻڌ جي ڪا ٻي ڪهاڻي يا قصو پڙهو ۽ ڪلاس ۾ پنهنجي لفظن ۾ اَچي ٻڌايو.**

**٣. مان ۽ منهنجو دوست / ساهيڙي اِسڪول مان موٽي رهيا هئاسين تہ ......... قصو / گهٽنا پوري ڪريو.**

**۴. اُهو ڪر جو مينهن وسندي ڪم اَچي، اِها اُپٽار سمجهايو.**

## ڀَڳُت ڪَنوَررامُ



**ٻڌو، ڳايو، سمجهو.**

سنت ڪَنوَررامُ سِنڌ جو مشهوُر ڀڳت هو. هُن جي پِتا جو نالو تاراچند ۽ ماتا جو نالو تيرَت ٻائي هو.

هِڪ دفعي ڪنوررامُ ڀڳت ڪري رهيو هو تہ هِڪ شاهوُڪار ڏاڍيءَ شرڌا وِچان حَلوي جون ٻہ پيتيوُن، هِڪُ سؤ روُپيا روڪَ ۽ هِڪُ ريشِمي وَڳو سندس اَڳيان رکيو ۽ هَٿ ٻَڌي عرضُ ڪيائينس؛ ’سائين، هي وَڳو توهان جي گهر واريءَ لاءِ آهي.‘

ڀڳت صاحب اُهي شيوُن هِڪ پاسي رکيوُن ۽ ڀڳت وِڄهندو رهيو. ڪُجهہ وقت بعدِ ٻُڌندڙن ۾ اُتي ئي حلوو وِرهائي ڇڏيائين. سندس پاڙي ۾ هڪ غريب مائي رهندي هُئي جنهن جي ڌيءُ جي شادي ٿيڻي هُئي تنهن ڪري ڪنوَرَ سؤ روُپيا اُن مائيءَ ڏانهن ڏِياري موڪليا. نيڪُ اُن مهل هڪ مستاني عوَرت اُتي آئي ۽ کيس چيائين؛ ڀڳت صاحب، سُڀاڻي عيد آهي. مُنهنجا ڪپڙا ڦاٽي وِيا آهن. مونکي هڪُ نئون وَڳو وَٺي ڏيو! ڀڳت صاحب اُهو ريشمي وَڳو اُن مستانيءَ کي ڏيئي ڇڏيو. هوءَ خوش ٿِي کيس دُعائوُن ڪندي هلي ويئي.

اَهڙو هو نِرموهي ڀڳت ڪنوَررامُ!

- شاگرد ڏيان سان ٻڌندا. ڀڳت ڪنوررام جا ٻيا قصا، آکاڻيون پڙهي اَچي ڪلاس ۾ ٻڌائيندا.

# بئنڪ

ڏسو، جاچيو ۽ ٻڌايو.



- ماستر شاگردن کي نزديڪي بئنڪ ۾ وٺي وڃي اُن جي الڳ الڳ ڪمن، ڪاتن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ همٿائيندو.
- شاگرد بچت جي اهميت / قرض تلاءُ اِن وشيہ تي پنهنجا ويچار لکي ايندا.
- بئنڪ مئنيجر ۽ گراهڪ وچ ۾ گفتگو لکو.


# نظم

## 1 غزل

ڊاڪٽر ديال ’آشا‘ (جنم : 1936ع) چانديٻائي ڪاليج، الهاسنگر مان پرنسيپال تي رٽاير ڪيو اَٿائين. هن جي زور قلم کان 60 کن ڪتاب سنڌي، هندي، انگريزيءَ ۾ تصنيف ٿيل آهن. جن مان ’سنڌي شعر جي تاريخ‘، ’ازل جي اُڃ‘ ۽ ’احساس جو عڪس‘ ادبي حلقي ۾ بيحد مقبوليت ماڻي چُڪا آهن. هن شاعريءَ جي هر صنف غزل، رباعي، وائي، دوهو، گيت تي طبع آزمائي ڪئي آهي.

پڙهو، ڳايو ۽ سمجهو.

ڏٺيءَ جي آ ڪيڏي اَسان تي عنايت،
بندو بي شڪر آ، ڪري ٿو شڪايت.
عِلمُ عَقُلُ دؤلت سندس سڀ اَمانت،
اَمانت ۾ ڪڏهين ڪجي ڪين خَيانت.
سوين سک سُني صحت سائينءَ ڏني آ،
تڏهن پي نہ راضي، گُهرِ گُهرِ جي عادت.
اَسين پنندا رهون ٿا، هوُ ڏيندو رهي ٿو،
ڪري فَضُل سائين، سندس آ سَخاوت.
ڪيڏا رب جا احسان آهن اسان تي،
اَٿئي پهر جنهنجي جُڳائي عبادت.
ڏنو جيڪي ڏاتَر سو ڏيندا رهون،
ڏيڻ ۾ ئي ”آشا“ اَسانجي صَداقت.



### نوان لفظ

| | | |
|---|---|---|
| عنايت - مهرباني | بندو - اِنسان | شڪايت - دانهن |
| خَيانت - دغا، بدنيتي | فضل - ڪرپا | سخاوت - درياهه دلي |
| عبادت - بندگي | ڏاتر - ڏيندڙ | صداقت - سچائي |

# اَڀياس

**سوال.١. هيٺين سوالن جا جواب هڪ جملي ۾ لکو.**

١) بندو بي شُڪر ڪيئن آهي؟
٢) ڏٺيءَ اَمانت طور ڇا ڏنو آهي؟
٣) اَمانت بابت ڇا چيو ويو آهي؟
٤) شاعر اَٺ ئي پهر عبادت ڪرڻ لاءِ ڇو چيو آهي؟

**سوال.٢. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

١) سائينءَ جي سخاوت، سمجهايو.
٢) صداقت ڇا ۾ آهي؟ سمجهايو.

**سوال.٣. بيت جي آڌار تي سِٽون پوريون ڪريو.**

١) علم ................................................... ڪين خيانت.
٢) اَسين پنندا ....................................................... آ سخاوت.
٣) ڪيڏا رَبَ ............................................ جُڳائي عبادت.

# پورڪ اَڀياس

**(١) شعر بند تي عملي ڪم.**

علم عقل دولت ............................................... جڳائي عبادت.

**(الف) هڪ لفظ ۾ جواب ڏيو.**


١) ٢٤ ڪلاڪ -
٢) اَمانت جو ضد -
٣) هر وقت گهرج ڏيکارڻ -
٤) تعليم سان واسطو رکندڙ -

**(ب) اَمانت، خيانت، عادت ۽ سخاوت اِهي هم آوازي لفظ آهن اهڙيءَ ريت هيٺين جا هم آوازي لفظ لکو.**

١) رب ٢) سکر ٣) راضي ٤) احسان

**(ب) پرماتما اسانکي ڇا ڇا ڏنو آهي؟**

**مثال موجب چوکندا پريو.**



2

# شاھ جا بيت

شاھ عبدل لطيف (عيسوي 1689 - عيسوي 1752) سنڌيءَ جو عظيم شاعر ۽ دنيا جي چوند شاعرن شيڪسپيئر، هومراملٽن ۽ ڪاليداس جو مٽ مڃيو وڃي ٿو. هوُ سنڌ ۽ هند ۾ ’ڀِٽائي‘ ۽ ’ڀِٽائي گھوٽ‘ جي نالي سان مشهوُر آهي. شاھ جي ڪلام جو سمورو خزانو ’شاھ جو رسالو‘ ۾ ڏنل آهي.
شاھ سائين هن بيت ۾ مارئيءَ جي پرينءَ ۽ وطن جي حُب جو ذڪر ڪيو آهي.

پڙهو، ڳايو ۽ سمجھو.



اَڪر پڙهہ اَلف جو، وَرَق سَڀ وسار،
اندرَ تون اُجار، پَنا پڙهندين ڪيترا.

پِريان سَندي پارَ جِي، مِڙيئِي مِٺائي،
ڪانهي ڪَڙائِي، چَکِين جي چيت ڪري.

هوُ چَوَنئي، تون مَ چَوُ واتان وَرائي،
اڳُ اَڳرائي جو ڪري، خطا سوڪائي.

پاند ۾ پائي، ويو ڪينِي وارو ڪين ڪِي.

واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساه،
بت منهنجو بند ۾ قيد مَ ڪَريجاه،
پرڏيهاڻي پرينءَ ري ڏار مَ ڏَريجاه.
ٿڏي وسائج ٿر جي، مِٺي مئيءَ مٿاه،
جي پويون ٿئي پَساه، تہ نِجاه مَڙُه ملير ڏي.



## نوان لفظ

| | | |
|---|---|---|
| اَلف - ايشور | ورق - صُفحو | سندي - جِي |
| پارَ - طرف | ڪَڙائي - ڪوڙاڻ | چيت - ڌيان |
| مَ - نہ | خطا - سزا | واجهائي - ياد ڪري |
| بُت - شريرُ | پَساهُ - ساهُ | نِجاه - موڪلج |
| مڙه - لاشُ | | |

# اَڀياس

**سوال.١. هيٺين سوالن جا جواب هڪ جملي ۾ لکو.**

(الف) ايشور کي ياد ڪرڻ لاءِ شاعر ڇا چيو آهي؟

(ب) پرينءَ بابت ڇا چيل آهي؟

(پ) خطا نه ڪائڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**سوال.٢. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

(الف) اَندرُ تون اُجار، مطلب سمجهايو.

(ب) وطن بابت شاهه صاحب ڇا چيو آهي؟

(پ) ملير جي مٽيءَ لاءِ مارئيءَ ڇا چيو آهي؟

**سوال.٣. هيٺ ڏنل سِٽون پوريون ڪريو.**

(ٽ) اکر پڙهه ............................ ڪيترا.

(ٽ) اَڄ اَڱرائي ........................ ڪينَ ڪِي.

(ٽ) ٿڌي وسائج ................ ملير ڏي.

# پورڪ اَڀياس

(١) شعر - بند تي عملي ڪاريه.

اکر پڙهه الف جو .................. وارو ڪين ڪي.

١) هيٺين جا هم - آوازي لفظ چونڊي لکو.

(الف) هار، مار

(ب) ڪيو، چيو

(٢) هڪ لفظ ۾ جواب لکو.

(الف) 'نه' لاءِ لفظ -

(ب) 'الف' لفظ جي معني

(ڪ) 'حرف' معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ

(د) 'شريرُ' لاءِ ڪم آيل لفظ

(٣) ساڳئي اکر سان شروع ٿيندڙ لفظ ڳولهيو.

| مثال : | اکر | - | اَلف | - | اَندر |
|---|---|---|---|---|---|
| (الف) | ورق | - | | - | |
| (ب) | پنا | - | | - | |
| (ڪ) | ڪيترا | - | | - | |
| (د) | م | - | | - | |

(٤) ''هوُ ڇَونئي تون مَ ڇَوءُ'' اِها چوٽي سمجهايو.

(٥) عمر مارئي جي آکاٽي اِنٽرنيٽ ذريعي پڙهو ۽ ڪلاس ۾ اَچي پنهنجي لفظن ۾ ٻڌايو.

# 3 اَڳتي هلو

شاعر پرسرام هيرانند ضيا جو ڪارگر يوگدان نہ صرف درسي ڪتابن ۾ پر ريڊيو ۽ فلمن ۾ بہ مقبول آهي. ’باغ بهار‘، آلاپ ضيا‘‘ جا مشهور ڪتاب آهن. ڪيترن ئي ڳايڪن ضيا صاحب جو ڪلام ڳايو آهي. هن ڪويتا ۾ اَڳيان قدم وڌائڻ لاءِ ڪن ڳالهين کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي، بخوبيءَ سان سمجهايو آهي.

پڙهو، ڳايو ۽ سمجهو.



هر قدم تي هڪ نئون گلشن بڻائيندا هلو.
بربٽن ۾ باغ جي رنگت رچائيندا هلو.

پيار جئن جاڳي اُٿي، جاڳي اُٿي اِنسانيت،
ايڪتا جا جابجا نعرا لڳائيندا هلو.

ڏاڍو ڏاڍو ڏار ٿيو، مالها محبت جي ٽٽي،
هڪ ئي ڌاڳي ۾ پوئي ڏاڍا ملائيندا هلو.

قافلو هلندو رهي اوندهہ جو ڪوئي غم نہ آ،
شوق ۽ همت جي مشعل کي جلائيندا هلو.

جي رکو ٿا چاهہ گل سان، قرب ڪنڊن سان رکو،
خير پنهنجي باغ ساري جو منائيندا هلو.

ڪرم ئي سنسار ۾ قسمت جو بڻجي روپ ٿو،
ڪرم سان تقدير جي سوپيا وڌائيندا هلو.

سپ ملي سِرَ سِرَ ڪٽي، ٿاهيو حياتيءَ جو محل،
جت پُٽا پوُنگا، اُتي بنگلا بڻائيندا هلو.

بر ۾ بازاريون لڳن ۽ ساوڪون سُڃ ۾ ٿين،
جهنگلن ۾ اي ’’ضيا‘‘ منگل منائيندا هلو.

## نوان لفظ

| | | | |
|---|---|---|---|
| خير | - ڀلائي | سوڀيا | - سونهن |
| سُڃ | - ويراني | قرب | - پيار |
| پُٽا پونگا | - جهوپڙيون | جا بجا | - هر جڳهہ |

# اَڀياس

**سوال.١. هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) اِنسانيت ڪٿي جاڳي اُٿي ٿي؟
٢) اَسانکي ڪهڙي مشعل جلائڻ گهرجي؟
٣) همت بابت شاعر جا ڇيو آهي؟
٤) ڪرم سان ڇا ٿئي ٿو؟

**سوال.٢. هيٺين ۾ خال ڀريو.**

١) قافلو هلندو رهي ................. جو ڪوئي غم نہ آ.
٢) خير پنهنجي ................. ساري جو منائيندا هلو.
٣) بر ۾ بازارين لڳن ۽ ساوڪون ................ ۾ ٿين.
٤) جي رکو ٿا چاهہ گل سان، قرب ................. سان رکو.

**سوال.٣. بيت مان بہ هم آوازي لفظن جا جوڙا لکو.**


مثال : جلائيندا - منائيندا

# پورڪ اَڀياس

**(١) شعر - بند تي عملي ڪم**

جي رکو ٿا چاهہ ..................... منگل منائيندا هلو.

**١) اُبتڙ مطلب وارا لفظ ڳولهي گول ۾ جواب لکو.**




**٣) جوڙا ملايو.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | بر ۾ | (i) | سوپيا وڌائيندا هلو |
| (2) | قرب | (ii) | ٻڏائيندا هلو |
| (3) | تقدير جي | (iii) | ڪنڊن سان رکو |
| (4) | اُٿي بنگلا | (iv) | بازارين لڳن |

**٤) ڏنل مثال موجب لفظ ڳولهيو.**

**مثال :- گُل سان**

(الف) ................... سان    (ب) ................... سان

# 4 سامِيءَ جا سَلوڪ

چئنراءِ بچومل لنبد (1850 - 1743ع) ’سامي‘ شڪارپور سنڌ جو رهندڙ هئو. هن ڪجهه ورهيه اَمرتسر ۾ پڻ وڻج واپار سانگي گذاريا. پوءِ جلد ئي واپس شڪارپور اَچي هاٿي در وٽ هڪ مڙهيءَ ۾ اَچي ديرو جمايائين. هوُ اُتي گرمُکيءَ ۾ چٽڪين تي پنهنجا سلوڪ لکي هڪ مٽڪي اندر رکندو هو، جيڪي سندس پُٽ گهنشامداس گڏ ڪندي هٽيڪا ڪري رکيا.

چئنراءِ در اَصل پنهنجي گرو سامي مينگهراج کي عزت ڏيڻ لاءِ ’سامي‘ تخلص هيٺ پنهنجا سلوڪ رچيا آهن. هن جي سلوڪن ۾ ويدانت جو ذڪر ڪيل آهي.



پڙو، ڳايو ۽ سمجهو.

وِدِيا وِڇائي، اَوِدِيا ڏُکَ اندر جو؛
جيئن پاڻي باهہ کي، ٻانڀڻَ ٻُجهائي،
سوُرج لَڪائي، سڀ پدارٿ پڙرا.

موُرَکَ ڪَرِ مَ موهُ، ڪايا مايا ڪُل سان؛
ڇَڏي ويندءِ ڇِن ۾، ٻوهِي ڪري ٻوهُ،
اُلِٽو ڏيندءِ ڏوهُہ، سامي ڇَئي سِرَ تي.

ڳالهيوُن سَپيئيِ، اَٿي ڪوُڙيون گُرَ ويساهَ ري؛
ويدَ پُرانَ سِڌَ ساڌَ جَنَ، وَجي پُڇُ پيهيِ،
مَنُ مَنِسا ڏيئي، تُون سَمُجهيِ ڏِسُ سامي چئي.

ٽيئي لوڪَ رُلِيِ، سانِت نہ آئِي جيءَ کي،
مِلي ساڌ سنگِت سان، اَوِدِيا ڳنڍِ کُلي،
ويئي پاسَ پُلي، سامي ڇَئي سَنسارَ جيِ.

## نوان لفظ

اَوِدِيا - اَگيان
ٻوهہ - ٺڳي
رُلي - ڀِٽڪي

لَڪائي - ڏيڪاري
ري - سواءِ
ويساهہ - وشواس

ڪايا - شرير
سِڌُ - پهتل
پيهي - گهرائيءَ سان

ٻوهي - ٺڳ
منسا - وشواس
پاس - احساس

## اَڀياس

**سوال.١. هيٺين سوالن جا جواب هڪ جملي ۾ لکو.**

١) اَوديا جو ڏُک ڪير مِٽائيندي؟
٢) موهُه ڪنهن ۾ نہ رکڻ گهرجي؟
٣) ڪهڙي ڳالهہ سچي آهي؟
۴) اَوديا جي ڳنڍ ڪيئن کُلندي؟

**سوال.٢. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

١) شاعر موُرک ڪنهن کي چيو آهي؟
٢) وديا جي اَهميت ڪيئن سمجهايل آهي؟

## پورڪ اَڀياس

**(١) شعر - بند تي مشغوليون.**

مورک ڪر مَ موهہ ................... ڏس سامي چئي.

**١) هيٺين ياداشت پوري ڪريو.**

| ’م‘ سان شروع ٿيندڙ لفظ | ’ڪ‘ سان شروع ٿيندڙ لفظ | ’نہ‘ سان ختم ٿيندڙ لفظ | ’س‘ سان شروع ٿيندڙ لفظ |
|---|---|---|---|
| | | | |

**٢) اُهي سٽون ڳولهيو جيڪي هيٺ ڏنل سٽن سان ٺهڪي اَچن.**

(الف) دُنيا اَست آهي.
(ب) وشواس رکي تون سمجهہ.

**٣) هيٺ ساڳئي معنيٰ وارا لفظ ڪٺي جوڙا ملايو.**

| | |
|---|---|
| (1) مايا | (i) ڪتنب |
| (2) ويساهہ | (ii) ممتا |
| (3) موهہ | (iii) وشواس |
| (4) کُل | (iv) پيسا |

**٢) اَڻ ٺهڪندڙ لفظ مٿان گول پايو.**

**مثال : اوندهہ، اَنڌيرو، روشني، اونداهي**

(الف) شوق، چاهہ، اِڇا، دلچسپي
(ب) خير، غم، پلو، ڀلائي
(ڪ) ٻر، جهنگل، سُڃ، ساوڪ
(د) محل، جهوپڙي، حويلي، بنگلو

# 5 مريادا

ليکراج ڪشنچند ’عزيز‘ سنڌي ۽ فارسيءَ جو ودوان هو. هي مضمون نويس به هو ته ناٽڪ نويس به هو، شاعر به هو ته نقاد به هو. ڪيس ’صراحي‘‘ ڪاويه سنگرهه تي ساهتيه اڪادميءَ انعام عطا ڪيو.

شاعر عزيز ’’مريادا‘‘ ڪوتا ۾ ڪيترين ئي نصيحتون ڏنيون آهن. انسان کي دنيا روپي باغ ۾ گل وانگر ٽڙي ٻين کي فرحت ڏيڻ گهرجي. ٻين تي ديا ڪري، اُنهن جو ڏک دور ڪرڻ گهرجي. ماتا پتا ۽ وڏن جي شيوا ڪرڻ گهرجي. محنت کان منهن موڙڻ نه گهرجي..

پڙهو، ڳايو ۽ سمجهو.



گل ٻڻجي ٽي رهه ڪلمڪه سڀ سان
دنيا جي چمن ۾ خار نه ٿي،
غم لاهه سدا سِکه کهل ڪرڻ
ڪنهن لاءِ ڪڏهن آزار نه ٿي.
پيءُ ماءُ سندي نت خدمت ڪر
ٿَئي وات سواٿائيءَ جي اِها.
جن نازن سان ڪيئه پالي وڏو،
تن ساڻ، سامهون ڪنهن پار نه ٿي.
ري علم، هنر سنسار ۾ ڪا
ڪنهنجي نه ڪڏهن ٿئي عزت ٿي،
پڙهه علم وري سکه تنهن سان هنر،
بي علم نه ٿي بيڪار نه ٿي.
پورهئي کي نه ڄاڻج عيب ڪڏهن
محنت کان نه مڙندا مرد هڏهن،
کاراءِ بکين بيواهن کي،
پر پاڻ ڪڏهن پينار نه ٿي.
دل ديس جي هرهڪ چيز سان رکه
فرزند وطن جو ٻڻج سچو،
ڪج قوم تان پنهنجي جان فدا،
ديسيُن سان ڦري غدار نه ٿي.
پاڙي جو سڃاڻج ننگه سدا،
ڄاڻج تون اُنهنکي پنهنجو عزيز،
هيءَ منهنجي نصيحت دل سان وٺج،
دنيا ۾ خراب ۽ خوار نه ٿي



## نوان لفظ ۽ اصطلاح

| | | |
|---|---|---|
| خار - ڪنڊو | آزار - مصيبت | سواتائي - فائدو |
| پينار - پننڌڙ | فرزند - پٽ، سپٽر | فدا - قربان |
| غدار - ديش دروهه | کهل ڪرڻ - ديا ڪرڻ | ننگ - عزت |
| هڏهن - هرگز، بلڪل | | |

## اَڀياس

**سوال.١. هيٺين جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو.**

١) وطن لاءِ اَسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

٢) بي علم اِنسان جي ڪهڙي حالت ٿئي ٿي؟

**سوال.٢. هيٺين جا ٿوري ۾ جواب لکو.**

١) شاعر مريادا ڪوتا ۾ ڪهڙيون سکيائون ڏنيون آهن؟

**سوال.٣. (الف) هيٺين جا جوڙا ملايو.**

| | |
|---|---|
| (1) گل ٻڌجي ٿي رهه | (i) نت خدمت ڪر |
| (2) پيءُ ماءُ سندي | (ii) ننگ سدا |
| (3) پاڙي جو سڃاڻج | (iii) مڙندا مرد هڏهن |
| (4) محنت ڪان نه | (iv) ڪلمڪ سپ سان |

**(ب) هيٺ ڏنل لفظن جا ضد لکو.**

گل، ديش، ڪلمڪ، بيڪار، خراب

**(ٿ) هيٺ ڏنل سٽون چٽيءَ ريت سمجهايو.**

١) پيءُ ماءُ سَندي نت خدمت ڪر،
ٿئي وات سواتائيءَ جي اِها

٢) جن نازن سان ڪيئہ پالي وڏو،
تن ساڻ، سامهون ڪنهن پار نہ ٿي.

## پورڪ اَڀياس

**(١) شعر - بند تي عملي ڪاريہ.**

گُل ٻڌجي .................. ڪڏهن پينار نہ ٿي.

**١) سٽن مان مناسب لفظ ڪٽي هينيان خال پريو.**

١. دنيا ۾ اسانکي گل ٻڌجي سپ سان ................. تي وهنوار ڪرڻ گهرجي.

٢. اَسان کي ................. نہ ٻڌجي غريبن جي ٻُڪہ دور ڪرڻ گهرجي.

٣. علم سان .................. جو هٽڻ ضروري آهي.

٤. اَسان کي پنهنجن وڏن جي ................. ڪرڻ گهرجي.

٢) هيٺين سٽن کي دُرست ڪري لکو.
(الف) علم پڙهڻ سان گڏ تقرير بازي سکڻ گُهرجي.
(ب) غم ڇڏي اَسان کي علم سکڻ گهرجي.
٣) ڏنل مثالن موجب چوڪنڊي مان اُهي لفظ ڳولهيو جن ۾ 'بي' اڳياڙي لڳائي لفظ تيار ڪري سگهجن ٿا.
علم - بي علم    ڪار - بيڪار
ڪلمڪ، آزار، وات، حاضر، اَنت، هنر، اَثر، غم، واهه، عزت


## موڄ مستي


### ١. پروليون سليو


١. ڪارو ڪارو رنگ اَٿس
توسان مون سان سنگ اَٿس
ڪڏهن ننڍو آ ته ڪڏهن وڏو آ
بلڪل گونگو، صفا جڏو آ

٢. هن ڇوڪر جو پيءُ آهه
منهنجي پيءُ جو پُٽ
مونکي ڀاءُ نه آهه ڪو
سمجهايو هيءُ سِٽ



٣. وڻ تي آهي، پنڇي ناهي
ڏاڙهي آهي، قاضي ناهي
پاٽي چِلڪي، برتن ناهي
جمڻ مرڻ تي گهربل آهي

### ٢. اَچو ته کِلون


١) گراهڪ : (دڪاندار کي) توهانجي دڪان ۾ رکيل جوتا ڪيترو مظبوط جٽاءُ ڪندڙ آهن، اُن جي ڪهڙي گٽرنٽي آهي؟
دڪاندار : ڇا ٻڌايانءِ. اَڄ تائين جيڪو به گراهڪ هڪ دفعو جوتا خريد ڪري ويو آهي اُهو واپس ٻيون دفعو آيو ئي ڪونهي! اِها ڪا گهٽ گٽرنٽي آهي؟
٢) رميش : (پيءُ کي) اَڄ ڪلاس ۾ ماسٽر صاحب جي سوال جو جواب صرف مون ٻڌايو، ٻئي ڪنهن به ڪونه ٻڌايو.

پيءُ : سوال ڪهڙو هو؟

رميش : ماسٽر صاحب پڇيو ته دريءَ جو شيشو ڪنهن ڀڳو آهي؟
٣) پيءُ : (پُٽ کي) راجو، تون گهر ۾ هيتري دير ڪان مرغو ڇو ٿيو بيٺو آهين؟
پٽ : پپا، توهان ئي چوندا آهيو ته جيڪو ڪم اِسڪول ۾ ڪري اَچين، سو واپس گهر ۾ ڪري ڏسندو ڪر.
● اَڌياپڪ شاگردن کي ٻيا چرچا ٻڌائڻ ۽ پروليون پڇڻ لاءِ همٿائي.



٣. خميس ڳالهائي ٿي ........ اِن تي پنهنجا ويچار لکو.
٤. سنڌي ناچ - 'ڇيڄ ۽ جهومر' گروپ ناهي لُطف وٺو.
٥. توهانکي جيڪڏهن هڪ هفتي لاءِ پردان منتري مقرر ڪيو وڃي ته ....... پورو ڪريو.
٦. پنهنجي جيون جا آزمودا (آيل / ٻڌل قصا) گهٽنائون ٻڌايو.
٧. ڪلاس ۾ سنڌي / هندي گيت ڳائي ٻڌايو.





6

# ماٺِ

پڙهو، ڳايو، سمجهو.

ماٺ جي هڪ لفظ ۾، سيني سُکن جو سار آ،
”م“ ۾ آ ماکي مليل، ”ٺ“ ۾ سمايل ٺار آ.

ٿي ماٺ ۾ ڏرتي هلي، ماٺِ ۾ سج چنڊ ڦِرن،
ٿا بِنا آواز جي، قانون قدرت جا ڇُرن.

ماٺَ ۾ گُلشن ٽڙي، ۽ ماٺ ۾ گل ڦل ڪِلي،
آ اُهَا چوکي چَڱي، جا ماٺ ۾ مَحِفل هلي.

آ سدا سپ ڪان سُني، مُٺ پڪوڙيل ماٺِ جي،
ڳالهہ جي نِڪري اَندر مان، ٿي بُرائي بات جي.

ٿو ماٺِ ۾ مالڪ ملي، ماٺ ۾ ڪَرِ بَندگي،
هُل هنگامي ڪان پري، ڪاٽ پنهنجي زندگي.





## نوان لفظ

| | | |
|---|---|---|
| ماٺ - خاموشي، سانت | بندگي - عبادت، پوڄا | ٺار - ٿڌاڻ، |
| هُل هنگامو - گوڙ شور | گلشن - باغ | ڪاٽ - گذار |
| ڪلڻ - ٽڙڻ، وڌڻ | پڪوڙي رکڻ - بند ڪري رکڻ | بات - ڳالهہ |

# اَڀياس

**سوال.١. هيٺين جا هڪ جملي ۾ جواب لکو.**

١) ماٺِ جي لفظ ۾ ڪهڙو سارُ آ؟
٢) قدرت جو قانون ڇا آهي؟
٣) مُٺِ کُلڻ سان ڇا ٿو ٿئي؟

**سوال.٢. هيٺين سوالن جا ٻن ٽن جملن ۾ جواب لکو.**

١) گلشن جي محفل ڪيئن هلندي آهي؟
٢) مالڪ ڪيئن ملندو آهي؟

**سوال.٣. ڏنگين مان صحيح لفظ چونڊي خال ڀريو.**

١) ٿي ماٺِ ۾ .................... هلي، ماٺ ۾ ................. قِرن.
(سچ چنڊ، ڌرتي، سچ، چنڊ، گرهه)
٢) آ سدا سڀ ڪان .................، مُٺ ڀڪوڙيل ماٺِ جي.
(خراب، غلط، سني)
٣) .................. ڪان پري، ڪاٿ پنهنجي زندگي.
(گوڙ شور، هُل هنگامي، شانت)

**سوال.٤. هيٺين لفظن مان ساڳي معني وارن لفظن جا جوڙا ٺاهيو.**

| | |
|---|---|
| ماٺ | ڌيرج |
| قانون | باغ |
| گلشن | گوڙ شور |
| هنگامو | خاموشي |
| صبر | قاعدو |

# پورڪ اَڀياس

**١) شعر بند تي مشغولي.**

ماٺ ۾ گلشن .................... برائي ٻات جي.

(الف) سدا لفظ جو ساڳيءَ معني وارو لفظ. ☐

(ب) ڏنل لفظن جا ضد : سُني ☐ — اَندر ☐

(ٿ) ’محفل‘ لفظ ڪٺي ڪو جملو لکو.

**٢) بيت ۾ ڏنل هم آوازي لفظن جا ٿي جوڙا لکو.**

**٣) ماکيءَ جي مک بابت ڄاڻ حاصل ڪري لکو.**

۴) بيت ۾ ڏنل ماٽ سان لاڳاپو رکندڙ قدرتي شين لاءِ هينيون خاڪو پورو ڪريو.

| | | |
|---|---|---|
| | | |
| سِج | ماٽ | |
| | | |

ڏسو، جاچيو ۽ ٻڌايو.

ايڪلويه ۽ دروڻاچاريه

هنومان ۽ وانر سينا



- شاگرد چتر ڏسي اُنهن جي باري ۾ آکاڻي / قصو مائٽن / اَڏياپڪن / اِنٽرنيٽ دواران ٻُڌي / پڙهي اَچي ڪلاس ۾ ٻڌائيندا.

# 7 راهي منزل ناهي دور

هينئين شعر ۾ واسديو ’نرمل‘ مسافر کي صلاح ڏيندي چيل آهي تہ تون اَٽل اِرادو رکي، ساهي پٽڻ جو ويچار نہ ڪندي اَڳتي ڪاهيندو هو، تہ نيٺ وڃي منزل تي رسندين.

**پڙهو، ڳايو، سمجهو.**



توڙي راهہ اٺانگي آهي،
پوءِ بہ چنتا ڪرڻي ناهي،
صرف ڪندي چنتائون منزل ٿيندي نہ ويجهو
مور!
راهي! منزل ناهي دوُر.

آهن ڪيڏا وڻ سوُنهارا،
گِهري ڇانوَ ڪندڙ ۽ پيارا،
جيڪي تنهنجي سواگت جي لاءِ پيا وڇائين ٻور!
راهي! منزل ..........

جي دل ۾ آ پڪو اِرادو،
ڪنهن بہ طرح منزل تي رسڻ جو،
تہ وٽ خود منزل ئي ڊوڙي ايندي ٿي مجبور!
راهي! منزل .........

ليڪن ساهي پٽڻي ناهي،
جو جيون هلچل ئي آهي،
ڪاهيندو هل پيلي هُڃين تون ٽڪ ڪان چڪناچوُر!
راهي! منزل ........

## نوان لفظ

| | | |
|---|---|---|
| سوُنهارا - موهيندڙ، وڻندڙ | گِهري - گهاٽي | وڇائڻ - پٿارڻ، ڦهلائڻ |
| ساهي پٽڻ - ترسڻ، آرام ڪرڻ | چڪنا چوُر ٿيڻ - پرزا پرزا ٿيڻ يا چوُر ٿيڻ | |

## اَڀياس

**سوال.١. هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) منزل تي رسڻ لاءِ راهيءَ کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟
٢) مسافر جو سواڳت ڪير ٿا ڪن ۽ ڪيئن؟
٣) ساهي نہ پٽڻ لاءِ شاعر ڇو چيو آهي؟

**سوال.٢. (الف) هيٺ ڏنل سٽن ۾ خال ڀريو.**

١) جيڪي تنهنجي ............... جي لاءِ پيا وڇائين ٻور.
٢) تو وٽ خود منزل ئي ............... ايندي ٿي مجبور.

**(ب) ساڳي معنيٰ وارا لفظن جا جوڙا ملايو.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | وڇائڻ | (i) | موهيندڙ |
| (2) | مؤر | (ii) | ڏکي |
| (3) | اَٽانگي | (iii) | بلڪل |
| (4) | سونهارا | (iv) | ڦهلائڻ |

**سوال.٣. بيت جي سٽن جي سمجهاڻي لکو.**

١) توڙي راهہ اَٽانگي آهي،
ڀوءِ بہ چنتا ڪرڻي ناهي،
صرف ڪندي چنتائون منزل ٿيندي نہ ويجهو مؤر!

٢) ليڪن ساهي پٽڻي ناهي،
جو جيون هلچل ئي آهي،
ڪاهيندو هل ڀلي ڀڄين تون تڪ ڪان چڪناچؤر!

## پورڪ اَڀياس

**١. ڏنل بيت جي بند تي ڀڃيل عملي ڪم ڪريو.**

توڙي راهہ اٽانگي آهي ............ پيا وڇائين ٻور. راهي منزل .........


١) بند مان هم آوازي لفظ ڳولهي لکو.
٢) ’سٽانگي‘ لفظ جو ضد ڳولهيو.
٣) ’ميون جا ٻج‘ لاءِ ٻيو لفظ ڳولهيو.
۴) ’ويجهو‘ لفظ جو ساڳي معنيٰ وارو لفظ لکو.

**٢. پارت جي ڪن بہ ٻن مهان هستين بابت پڙهو. اُنهن جي جيون جون مکيہ گهٽنائون يا قصا لکو.**

**٣. پنهنجي ماتا پتا سان سندن جيون بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ اُنهن سان گفتگو ڪريو. اُنهن جي جيون جو ڪو اَهڙو قصو جيڪو توهان کي پريرڻا ڏئي تہ اُهو ڪلاس ۾ اَچي ٻڌايو.**

**۴. توهانجي پاڙي ۾ مڇرن جو آزار وڌي ويو آهي، اُن کي دور ڪرڻ لاءِ نگر پالڪا عملدار کي درخواست ڪريو.**

**٥. مان وڏو ٿي ......... ٿيندس، اِن تي پنهنجا ويچار لکو.**









مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

₹ 38.00

सिन्धुभारती इयत्ता ९ वी (सिंधी अरे.)